

# وطن ۽ ويساھ

استاد بخاري

روشني

# سجڻ ۽ ساٽيهه

www.sindhsalamat.com

شاعري

# وطن ۽ ويساهه

(بيت ۽ وايون)

## استاد بُخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1997ع

www.sindhsalamat.com

**Roshni Book No. 113**

وطن ۽ ويساھ
(شاعري)

شاعر: استاد بخاري

ڇاپو پهريون: © روشني 1997ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي ۽ حسين سومرو
نيو سنڌ ٽيڪ ڪمپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

قيمت: 125.00 رپيا

ٽائيٽل ڊزائين
عبدالرسول عباسي

WATAN AAIN VESSAH
A Collection of Sindhi Poetry by: Ustad Bukhari
Composed by: Habib Qadir Qureshi & Hussain Soomro
Printed by: Fine Communication Hyderabad.
Published by: Roshni Publication Kandiaro
First Edition © Roshni 1997

www.sindhsalamat.com

## انتساب

* هِن ۽ ايندڙ صديءَ جي اُنهن سڀني انسانن ڏانهن، جيڪي سنڌ ۽ سنسار ۾ امن، امان، انصاف قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجا حيلا، وسيلا هلائي رهيا آهن ۽ هلائيندا رهندا.

** هونئن تہ مٽي جي چپٽي آهيان،
جيئي سنڌ تہ ذرتي آهيان.

استاد بخاري
12.5.1990

---

انتساب:

* "جيئڻ ڪارڻ جيڏيون"
۽
** "سڄڻ ۽ ساٿيهہ" لاءِ.

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# تنهنجا مون تي ٿورا ڪي ٿورا نہ ناهن!

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران بابا سائين اُستاد بخاريءَ جو هي ڇهون ڪتاب آهي. محترم علي نواز گهانگهري جنهن معيار ۽ پيار سان هي ڪتاب ڇپرايا آهن، ان لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون.

هن ڪتاب ”وطن ۽ ويساهہ“ ۾ ٻہ مجموعا ”جيئڻ ڪارڻ جيڏيون“ ۽ ”سڄڻ ۽ سائيهہ“ شامل آهن، جيڪي موضوع جي لحاظ کان ويجها ۽ مواد جي لحاظ کان ننڍا هئڻ ڪري گڏ شايع ڪرايا ويا آهن.

هن سلسلي ۾ اسان سان مٺي ياءُ علي دوست عاجز جو خلوص؛ ساٿ ۽ سهڪار پڻ رهيو آهي ۽ اميد تہ هميشه رهندو.

ڊاڪٽر الطاف بُخاري

استاد بخاريءَ جو گهر

غريب آباد - دادو - سنڌ

(10.11.1995)

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# بيت

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

ڪشين، چيلهه ڪٽار، نچين، پيلهه نگار سان،
مٿان تيغ، ترار، چيڙين راڳ، رباب تي!

•

ونگن توکي وارَ، ڪَڙِن ڪمند سِنڌُ کي،
گرڻ ۾ ساٿي گُٽا، غب غب ۾ تون ِغار،
بلوانن جا پار، چلوِللايون چو ڪرين!

•

زلف ڪري زنجير، پائي ويني پاڻ کي،
تنهنجي جُوءِ سچي ونگي، جابر ڪئي جاگير،
مچري، مهاوير، قبضو توڙ قهار جو!

•

چِڇمِچلي چوٽي، توکي ڏنگي نانگ ٿي،
ڏنگي سچي ڏيهه کي ستم جي سوٽِي،
جنگ نہ تو جوٽي، دودا پنهنجي ديس لئہ؟

•

هِڪ لَب جي لالي، موهيو توکي ميندرا!،
(1) سچي سُهٽي سنڌ آ، قهر ڪئي ڪالي،
هجين حلالي، اٿي، جُوءِ اجار تون!

•

(1) ڪالي: ڪاري

www.sindhsalamat.com

جيڏا نخرا، نازَ، ايڏا ڏچا ڏيھ ۾،
ڪبوتر، ڪبوتريون، مٿان بکيا بازَ،
اوچتو آوازَ جھارو، سونھن جھٽيو وڃي!

•

توسان سونھن، سڳنڌ، ويٺي روح وروھ ڪئي،
گوليون، دونھان، گند، ڏُوڙيو، دشمن دوبدو!!

•

ھڪ حسن ٻيو ھڳساڻ، ٻيٺو ھوس بھشت ۾،
محشر جو مانڊاڻ، ٻيھر ڪنھن ٻاري وڌو؟

•

ھڪ خوشي ٻيو خوشبو، سامھون سھٽا تون ھئين!
ھڪ دڙڪا ٻيو ڏُوڏُو، پريو ڊُڪ بندوق ڏي.

•

ھوا ۾ ھبڪار، چانڊوڪي، ڳاڙھي چُڪي،
مِنڙا پٽڪا، ٺھڪڙا، گيتن جي گونجار،
ڪرفيو جي ڪُوڪار، ڪھڙي ليکي شھر ۾!

•

ميندي، مشڪ، مساڳ، ملجن، ھٺجن ڇو نہ پر،
اڳ ۾ سنڌ – سھاڳ، تنھنکان پو تون ـ مان پرين!

•

www.sindhsalamat.com

(1) اڪِيو وانگوڙو، تَڪيو تو تڙپيو پوين!
وڏو واچوڙو، اچئي تو اونداهه جو!

●

چِٽڪن تا ڪنگڻ، ٺڙڪين تو فنڪار تون!
(2) ڪِنجهن منجهه لَنگهڻ، سامهون تر جون سورميون.

●

جهومي تي جُهومر، چاهيان تو چهتي وجان!
ڪوني تي ڪيهون ڪري، ننگي هُوءَ نينگر،
ڪُوڪاري ڪينجهر، ڪهڙو سئر ڪوي ڪري!

●

چيرون تيون چمڪن، ٻِاڻن، روح – رڳون مِلي،
گوليون تيون ڪڙڪن، ڪوني قهر، مقابلو.

●

ماڪي، مصريءَ ڪان مِٺا، تووارا ماٿا،
گهٽين ۾ گهاٽا، گهوڙا، ڪهڙي پار تيان!

●

ناز – پريا نخرا، ڏِئي، هاڻ ٺريو پوي،
پونءِ نه تئي بخرا، سوچي، ساهه سڙيو وڃي!

●

---

(1) وانگوڙو: وڏو ڪُنڊيو، ڪانهيون وغيره ڪٽڻ ۾ ڪم ايندو آهي.
(2) لنگهڻ: بُڪَ.

www.sindhsalamat.com

چھبڪ جھڙي چيلھہ، چئي تي: پَل پري نہ تي!
ھا پر، منھنجي ھيلھہ، ويريءَ سان ويڙھاند آ.

●

تنھنجي انگڙائي، انگل روز نئون ڪري،
ڏِنگو لڙائي، ڏِينھون ڏينھن نئين بيجي.

●

اکين ۾ آرس رکي، سونھن پڳو آرس،
الا، پر ھي سنڌ جو سوڍو آ، پَروس،
در تي وڳو دَسُ، جوڌا، جنگ چڙي وئي!

●

جي پانئين جوڌو تيان، جوتيان جِيوَن جنگ،
پنھنجي عشق اُمنگ ڪي، آجائيءَ سان انگ،
بيباڪيءَ سان رنگِ، پڪا پنھنجا فيصلا.

●

جي پانئين جوڌو تيان، نئون دودو تِيءَ!
سورھيائي ۽ سُرت جو، سَرو، پيار ۽ پيءَ،
ائين جرڪي جيءَ، جِئين سورج سوجھرو.

●

www.sindhsalamat.com

جي بنجو جوڏا، تيو لاڳيتا چيتا،
ڪانئرتا ڪِيتا، لونبڙ تي لوڙيو متان!

●

جي پانيون جوڏا تيون، شوق ٻڌايو شينهن،
گهورِي گدڙ – زندگي، رَتي راتو ڏينهن،
نِڌر اهڙو نينهن، اجل سان اتڪي پوي!

●

جي پانيون جهونجهار تيو، لڳ ڪريون فولاد،
دودي، دريا خان جو، آجيتو اولاد،
اوهان مان استاد، هيو ڪو فرهاد جو.

●

جي پانيون جهونجهار تيو، سپاهي، سالار،
ٻوڙايو بمبار ۽ سنپاريو ريدار،
هميشه هوشيار، سورهيه ماڻن سوپ تا.

●

جي پانيون جهونجهار تيون، ڪرنل ۽ ڪپتان،
ساموندِي سِينا ڪريو، راندين جا ميدان،
اُين ۾ اُڌري ڪُڌو، چوڏاري چوگان،
مَچارايو مانَ، اُوچا تي اقوام ۾!

●

جي پانيون جهونجار ٿيون، رڱين بنجو رُڪ،
تتي، ٿڌي ۾ وڌو، تِيرن وانگي تُڪَ،
جابر سامهون جُهڪَ، متان، چُڪَ ڪريو اها!

●

جي پانيون جهونجهار ٿيون، لڱين بڻجو لوهه،
رَنين رِڻ پٽ ڏَپُ ۾، ڪنبن آن ڪان ڪوهه،
(1) آيَوا انبوهه، سويون ساڻ ڪنيو وتو!

●

جي پانيون جرڪي جِيونُ، رکون خودداري!
آزي، زورُ زبر اڳيان، ويتر ويچاري،
للڪارڻ واري، بولي پاجهاري نہ ٿئي.

●

جي پانيون جرڪي جِيونُ، مڙسي موچاري!
ٿئونِ زوريّ تاحق اڳيان، وِچا ويچاري،
رڱين ماَن روڙي ڪيون، نِبِّل نيزاري،
سچّي سگهاري، بولي، گولي غير لئي.

●

جي پانيون جرڪي جِيونُ، جهد هجي جاري،
سوا جَتن – جوت جي اڳيان آنڌاري،
ٻَري ٿئون ٻارِي، سويو پنهنجو سوجهرو.

●

(1) آيَوا: بي ڊپا، بي خوف

www.sindhsalamat.com

جي پانيون جرڪي جِيون، همّت، هوشياري،
اڳتي آڪاسِي لڳون، پنتي پاتاري،
سدا سَواري، اوسر تي انسان جي.

●

جي پانيون گڏجي جيون، عدل جو اعلان،
اول گهرجي لوڪ کي لتو، نان، مڪان،
ماڻهوءَ مانُ مهان، اجا اوج، عروج ڏي.

●

جي پانيون گڏجي جيون، اوّل امن اصول،
”جيئو، جيئڻ ڏيو“ ڪريون سيئي ڪرم قبول،
هرهڪ حقّ حصول، سيڪو سَرهو ديس ۾.

●

جي پانيون گڏجي جيون، پاڻُن سان تي پاءُ،
مجون مذهب ماڻهپو، سَچون ڌرتي ماءُ،
ڪريون آدرپاءُ، انصافي انصاف جو.

●

جي پانيون گڏجي جيونَ، ماڻيو مانُ ۽ نانُ،
شيطاني انسان تئي، رحماني انسانُ،
جاڳي هيءُ جهانُ، لاڳي پاڳ پنيور کي!

●

www.sindhsalamat.com

جي پانيون گڏجي جيون، امن ۾ ايمان،
تخريبي سامان ٽٽي، تعميري سامان،
آئيندو انسان، امن جو امام ٿئي!

●

جي پانيون آجا ٿيون، جَتن، جهد ڪريو!
نئين سَن جي هوش ۾، نئون جوش پريو،
جيڏو ڏيان ڏريو، ايڏي هوڏ ٻَڌي هلو!

●

جي پاتيون آجا ٿيون، قائم قوم ڪريو!
جيڪو قاتل قوم جو، تنهنجو ڏيل ڏريو،
سچو ٻت ڪريو، تنهنڪان هٿ وڍيو چگو!

●

جي پانئين سُک سمهان، ڏُکَ مُڪائي، سُمهه،
گهنگهر گهائي ڏيهه جا، گهير، گهٽيون پوءِ گهم،
چانڊوڪيءَ کي چُم، اونداهي ٻاهر ڌڪي.

●

سنڌوءَ جا سهڪار ٿيو، ونديو خوشحاليون،
پري هلو لوڪ ڏي، تهڪن جون ٽراليون،
خوشين جون تاڙيون، واتن تي وَرچي ڏيو.

●

www.sindhsalamat.com

وطن جا سينگار ٿيو، ورسايو سينگار،
آڇيو سيرت، سونهن کي، عشق کي اعتبار،
سعيو سرجڻهار، جوڙي وجهندو جوءِ کي!

●

غريبن جا يار ٿيو، ياري دلواري،
نفعي ۽ نقصان ۾ ڀاڱي ڀائيواري،
دم دم دلداري، ڏيندا هلو ڏيهه کي!

●

امن جا آثار ٿيو، ڌرتيءَ ڏيو ڏِيَر،
جوڙيو آمر ايڪتا، توڙيو ظلم - زنجير،
تقدير ۽ تدبير، ٻئي ٻيلهه وٺي هلو!

●

جي پانيون سيڪو جٽي، سيني سهنجن ساڻ،
سمائي سٽ ۾ چڏيون، ڀرين پنهنجو پاڻ،
مٿي اوچي، نيچ کان، ماٺيپي جو ماڻ،
ڏولائو يا ڏاڻ، ونڊي، ورڇي ماڻجي.

●

جي پانيون آڇا ٿيون، اٿو، اٿ. ڪريو!
ڏاڍي ڀاريو ڏيهه کي، ڏاڍو ڇو نه ڀريو؟
اٿين ڏنجهه ڏريو، جٽين جوٽر، جنڊ ۾!

●

www.sindhsalamat.com

جي پانيون وينجھار تيون، مڻ وارا مٺيار،
آچيو جوتون جوھري، اوتيو بوءِ عطار،
بَرن کان بازار، سودو سُرھو سوجھرو.

●

جي پانيون وينجھار تيون، وِنڊيو ھيرا، لال،
مڻڪا، موتي پريت ۾، موتي، امل مال،
جرٽر پري ٿال، وٺون ونڊ ڪري ڏيو!

●

جي پانيون وينجھار تيون، لوچو ھيرا، لال،
وٺو ھيرا، لال ۽ ونڊيو ھيرا، لال،
پڙھو ھيرا، لال، لڳو پڻ ھيرا ميان!

●

جي پانيون وينجھار تيون، ادب جا اوجار،
رکون وکر قيمتي شھپارا شھڪار،
کولي خبروار، آچيون وٺون وقت جون.

●

ڏنم ديد نڪور، ادب سان اتھاس کي،
(1) اکين وارا سپ اکر، ڪٽي کي بہ نہ ڪور،
دَوَرن مٿان دَوَر، تاٺيدون تن جون ڪندا.

●

(1) ڪور: نابين، انڌو.

www.sindhsalamat.com

آچيم وڻون وقت کي، نيون نڪوريون،
نہ ڪنهن اڪ ڏٺيون اڳي، نہ ڪنهن هٽ توريون،
ڀهڳٽيون ڀوريون، واتن تي ورچيو وچا.

●

آچيم اهڙي ديد، ادب سان اتهاس کي،
جنهنجي سوچ سعيد، صديون ميري ڪين ٿئي.

●

آچيم سي الماس، ادب سان اتهاس کي،
جن جي امر جرڪ ۾ ادراڪ ۽ احساس،
تنهن شوق کي شاباس، جنهن لِکڻ لاکيٽا ڪيا.

●

مون آچيا مرجان، ادب سان اتهاس کي،
معنيٰ جن جي روشني، شڪل شمعدان،
وينجهر ودياوان، قدر جوهر جو ڪندا!.

●

اکر اکر پکراج، وينجهر پُرجهي جي ڏسي،
سِٽن تي سوچون چڙهي، ڪن معنيٰ جو معراج،
نہ ڪو تاڻڻ تخت لئہ، نہ ڪو تڪڙ تاج،
سُهائو سوراج، هُيو منهنجي هيج ۾.

●

www.sindhsalamat.com

گيت ڪيم گلزار، بريت باغ بهار ٿيا،
سَري وئي سنسار کي، هيڪاندي هيڪار،
پاتاران، پولار، ڪيڪارون خوشبوءِ جون.

•

تنهنجو پنهنجو گُل مِٺا، منهنجو پنهنجو گُل،
تنهنجي سونهن جي تور ڇا، منهنجي سِڪ جو مُل؟
ڪوبہ نہ ڪنهنجو ٽُل، جرڪڻ، مهڪڻ بيبها.

•

اکيون، آگريون، وينجهر تنهنجون وِنڌ ۾،
ڪنديون پورهيو قوم لئہ، اجا ڪيترون؟
گهڙيون جينتريون، جيوت منهنجي جند ۾.

•

وَندِيا هِن وينجهارَ، سدائيءَ جا سوجهرا،
اکر سَڀِي عام جي، اکين جي اوجارَ،
هميشه جا هارَ، ساهت کي سونپي هليو.

•

وينجهر، ايڏي وِنڌ، ڇَپَر، هَٿ پچي پيئہ!
جيسين اٿم جند، تيسين سعيو سنڌ جو.

•

www.sindhsalamat.com

وينجھر، پچي رَجُھ، تنھنجي اکين آ ڪيو!
وي، ھِي مليو وَجھُ، چاليون پوءِ بہ چڏيان نہ ٿو!

●

وينجھر، تنھنجي وَسَ، برسيا موتي ماڳ تي،
گوھر مٿان ڳسَ، ماڻڪ ھرھڪ ھٿ ۾.

●

وينجھر تنھنجو فَنُ، غني، توءِ غريبڙو،
دَمن ڏيان ڪري ڏنو، دؤرن ڪي آ ڏَنُ،
باغيچو ۽ بَنُ، جُھومن تنھنجي جُھد ۾.

●

ليڪڪ تنھنجي اڪِ، ڪڪين بُڪَ ڏسيو سگھي،
جھڙي ماڪيءَ مڪِ، آڪنِ ڪان بہ مِنيون وَتي.

●

ڪَوِي تنھنجا ڪَنَ، سوچن ڪي بہ سُٽيو سگھن،
پَوَنَ سان جو پَنَ، سَلِن سُور، ٻُڌيو وتن.

●

حاذق تنھنجا ھٿَ، چُھڙ ريءَ چُھيو وَتن،
رَنڙ اڪِ جي آرزو، نو - ورنيءَ ِجي نَٽَ،
ڪھڙي تن جي ڪَٽَ، موقعا جن جي مُٺِ ۾.

●

www.sindhsalamat.com

سالِڪ، تنهنجي سوچَ، پُٺتي، اڳتي، سچّ تي،
سوچن اندر لوچ، اهڙي جُهڙي ارتقا.

●

وينجهر، تنهنجيَ ذاتِ، ساگر ۾ لهرُون سَگهيون،
باقي بچي ذات، بادل تي برسي پئي.

●

شاعرَ، تنهنجو تَنُ، سندو – ساگر سان مليو،
سڪر، بکر اکيون، ڪاڇو، ڪچو ڪَنُ،
مُلڪ سڄو ئي مَنُ، هر گهر تنهنجو هينئڙو.

●

جيڪي ڪرٽو آهه، پورهيو، پيار ڪري وتو!
وري ورٽو ناهه، پهريون، پوپون پيرڙو.

●

اٽل منهنجي عشق جا، گونن گايا گڻ،
ٻيلن ۾ ٻاقور تي، جهوپن ۾ جهڻ پڻ،
سالن جي اڻ تڻ، صدين سانديي هانءَ ۾.

●

جوتيا مون هِن ديس جي، دنگن تي جهيڙا،
مدهوشن جا مَنڊ تي، مَتن وٽ ميڙا،
ٻُڌن پيا ٻيڙا، نچن نشئي ناڪئا.

●

www.sindhsalamat.com

اوِ جُوءِ مون جِيوَن، تولئہ جونجهارو ڪيو،
بوسن بدران پيو وجي، ڀالن ۾ جوپن،
مخفل - گهـورو مَن، مقتل ۾ ملهجي ويو!

•

ملهون ماڳ مَتي، ويڙهون، وَسَ وڏا ڪريون!
ساگر، ڏونگر ساڻ ٽڪرون، طاقت ڪير ڪٽي؟
همّت، سُرتِ سَٽي، موڪيون سخت مقابلو.

•

جهونجهارن سان جاءِ، جَنهنجي تَنهنجي ناهہ ڪا،
مڙسي جن جي مُنهن منجهان، تنبي جهاتيون پاءِ،
لويُنِ، لَچِنَ لاءِ، حيلا، وَسَ وڏا ڪبا.

•

ياريان مَچّ، مچان، آتڪان انڌ، انڌير سان،
جهورينڌي هوڏِي ڏچا، نِجهران پوبہ نچان،
آدن ڪمہ اچان، اتمہ جِيوَن جيترو!

•

ڏوڏيندي، ڏونڌاڙجان، ڀُجان، ڪين ڀَجان،
وِيرين منجهہ وَچان، گوڙون، مِينهن، ڳڙا ڪري.

•

وقتي شاق شڪست، سورهيه، متان سُست ٿيو!
همراهو همّت، اٿو، گرجو، گڏ ڪيو!

●

لَهَر آهي هارَ، للهنگ، ھانءُ نہ لوڙهيو!
متان گيدي ٿي مُڙو، جڙو سپ جهنجهار،
هَٽڻ ٻُڌڻهار، مَلهڻ آهه مُنهانئتو.

●

غازي گوُنجايو، شهيدن جي شان کي،
سوڀارو ڳايو، هاريو، همٿائي چڏيو!

●

مقصد لاءِ مري سگهي، مقصد لئي ماري،
جهوربندڙ، جهوري وجهي، جُهريل جياري،
سورهيه سنياري، ڪونڌر سپ ڪنا ڪريو!

●

(1) لڙي، آن بہ لڙو، مُڙي، آن بہ مڙي وڃو!
دودن جو ديرو ڪري جيڪو ڏوڙ - دڙو،
تنهنجو ڪوٽ - ڪڙو، پيچي، پوز ڪري چڏيو!

●

(1) آن: اوهان

www.sindhsalamat.com

ياڳيلا ـــــ ، تَرَ سان تو تعديون ڪرين!
اباڻا اغوا، ڳوٺن مان ڳوليو ڪرين.

●

وحشت ۽ دهشت، جنّت ۾ پکڙي پئي،
ڪاري قيامت، هِتي حشر تي ويو!

●

آنا – ڪورُي ۾ اچي، خاشا ويا ڪامي،
(1) نِپٽ ناڪامي، مِڙي، موڪِي ڪين ٿيا.

●

”پِنڊي – پرستي“، ماڻهن کي موڳو ڪيو،
لڱن جي هستي، ايڪن ۾ اڙجي وئي.

●

آۓ ئي آهيان آنۓ، جلسن ۾ جڪندو وتين،
سنڌو ساگر آ وڏو، ٿالهي تنهنجون ٿانۓ،
نچي تنهنجو نانۓ، باقي قوم پچي پئي.

●

اوّل آۓ وڏو، آڻايو پـو ايـڪـتـا،
اهو هَٺَ – هَڏو، ڪُڏا، قوت ڪندو وتين!

●

(1) موڪي: نجات ڏيندڙ، آزادي ڏياريندڙ.

www.sindhsalamat.com

سو تيان آءُ صدر، آٽيو جي اتحاد تا،
لکين ماڻهو ميڙ مان، بڪواسون بند ڪر،
ڏاڪُو ڍڪٽيٽر، توکي لوڪ ٽُڪِي ڪندا!

●

عاليجاهه عوامَ، سياڻا، سُڄ ڪري ڇڏيئي!
جِيئي - جيئي چئي چريا، موٽئين پاڻ مقامَ،
جيڪي ڪوتا خام، سي پڻ تنهنجا سورما!

●

آهين سڀ ڪجهه عامَ، جي ناهين، ڪجهه ڪين تون!
جذباتي آغاز جا، جذباتيءَ انجام،
هٽان توتي هام، جي تون سوچ صحيح ڪرين!

●

ڌارين جا دلال، چئبو سياسي چور ها،
پنهنجا پائمال، قدمن منجهه ڪندا رهيا.

●

سڌيون ڪيئن سچا، سياسي - ساندا سنڌ جا،
گهٽيءَ گهٽيءَ تي بڪيا، هَٽي ڪانه هچا،
رهندو ڏيهه - ڏچا، بچاياٺون پونءِ ڪي.

●

www.sindhsalamat.com

تلها سڪٽا ٽڳ، ڏينهون - ڏينهن گشا نوان،
ماٺهن سامهون ماتمي، محلي اندر مڳ،
ساڳيا ديرا، ڏڳ، ڪوتا نعرا ڪوڪلا.

●

دلنگ دوڪيباز، وٽي ووٽ وڏو ٺٺين!
هر پيري انداز، بازيگر، تنهنجا نوان.

●

وڏا وڏيرا، ڏيهون تيون دانهون ڪرن!
سهٽيءَ پنهنجي سنڌ جا، جلائيه جيرا،
ڪرائيه گهيرا، دوڏارن جا ديس تي.

●

وڏا وڏيرا، ڪتي پنهنجي قوم ڪي،
هنيان هٽندين هٿ ڏسي، ٻني، وَني ٻيرا،
چنيون ۽ چيرا، جلائيندءِ جند ڪي!

●

وڏو وڏيرو، جيتر جِند - جُنون ۾،
تيتر سهٽيءَ سنڌ ۾، دهشت جو ديرو،
ايرو ۽ غيرو، سي پڙ سندس ساٿڙيا.

●

www.sindhsalamat.com

اتئين انقلاب، تکو سورج تاب تي،
ڏيري ڏيري خواب، سايبان سوب ڪري ڇڏيئه!

●

ادا دانشور، ملهين ها تہ مڃان بہ ها!
سياڻا تنهنجي سوچ سان، جرڪي ها جرڻ،
(1) يا ڏر تنهنجي رت سان، ٻرڪي ها ٻرٻر،
ڪانئر جا ڪاڳر، قوم بچائڻ ڪونہ ٿا.

●

او پيارا شاعر، تنهنجا گيت گڄي ويا،
سويون ڏيندا سِر، سِٿون سوچ سگهي ڪنديون.

●

لوڏيني ڪامورا، قومون قرباني گُهرن،
وطن - وَسنديون ڏئي وتئي، تڪن جا پورا،
سِڪَنِ جا گهورا، سيڻ مَٿائيہ سون تي!

●

ڳايو تو راڳي، ٻُنيي، ٻُنيي يانُ تي!
قوم سُتي جاڳي، جاڳي، پو بہ اُٿي ڪتي!

●

(1) ڏَرِ: ڏرتي.

www.sindhsalamat.com

سياڻا سياستدان، ڪُوڙيون تنهنجون ڪوششون!
ڪتي مليو قوم کي، ماني، اجهو، مان،
آزادي اعلان، عهدن ۾ اٽڪيو رهيو.

●

پيرائي، درويشٽي، مخدوماٽي، سنڌ،
جُهڪي تنهنجي جند، تو تي طوق ڳُهري وتا.

●

اٺويهين ڳذري، اچي ويهين تي پُوري،
اجا ٻيلهه ٻڌا وتن، ماڻهو – مجبوري،
سچي سموري، آزادي ايندي ڪڏهن؟

●

ستم جو سالار تون، للهنگ لڙڪائي،
اُتي ڪو استاد جو، باغي ٻڙڪائي،
ڦاهيون ڦتڪائي، سنگينون ساڙي ڇڏي!

●

جيئڻ منهنجو جيترو، پيرو ڪين پيچان،
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، راتيون ويهه وڃان،
ايڏي اَچ اچا، جيڏي ريتي رڃ ۾.

●

www.sindhsalamat.com

جيئڻ منهنجو جيترو، سنڌوءَ ساڻ جيان،
جِتين پربيت پيان، تئين تاس تکي ٿئي.

●

جيئڻ جيئن نِجيهه، ڏينهون ڏينهن ٿئي،
سِڪڻ تيئن سَجيهه، ماريو اهڙي مامري.

●

جِيئڻ منهنجو جيترو، لکن ڪاڻ لُڇان،
ڪڇي لئہ ڪيهون ڪريان، ڪاڇي لاءِ ڪُڇان،
سيئي مَڇَّ مُڇان، ڪلاچي ڪان ڪوٽڙي.

●

آئيندس ايسين، تحريڪون تاريخ ۾،
تاڻيندس تيسين، جيسين جان جَهان ۾.

●

جيئڻ پنهنجو جيترو، اچو، ڏاڍ ڏريون!
ملي وارث ملڪ جا، تُمن اَنڌ تريون،
ساري پونءِ پَريون، خيرن جي خوشبوءِ سان.

●

جيئڻ لئہ جهيڙا، ڄڱيرن چيڙي چڏيا،
بهادر، رڻ – پونءِ ۾، پالن سان پيڙا،
مهاچڙن ميڙا، لارايا لاهوت ڏي.

●

www.sindhsalamat.com

جيئڻ ۽ جاکوڙ، ڇايا جاڙي ٻار جان،
اٿل ايرادي پري، اڃا اڳتي ڊوڙ،
لٿي ڪاٽي لوڙ، ويتر زور وڌي وئي.

●

نہ ڪي چڙھڻو چوٽ تي، نہ ڪي لھڻو آھ،
نہ ڪو ساھ ستائجي، نہ ڪي سھڻو آھ،
لوڇي لھڻو آھ، ماڻھو ٻڻجي ماڻھپو.

●

سدورو سعيو، جن جي سڪ سچيءَ ۾،
عمل تن جي عزم ۾ اٽڪر تي آيو،
ڇُريو ڇوو ايو، اِجھو، اوتر تو اتي!

●

وچن تا واڇا، ٻوڙا تا ٻوڙن اکيون،
ڍھلن جا تاڇا، ”چوڪرِ تي چيٽا وجھي“.

●

ھڪڙو ھڪڙو ڪن، ارٻن، ڪرٻن کان مٿي،
دنيا، دولت، ڌن، ساعت تان صدقي ڪريان.

●

www.sindhsalamat.com

اِنهي امر عشق جي، آڳاهين ڳڻ ڳوت،
جِيان ڏيان جوت، مَران پو بہ مهانتا.

●

پونم جهڙو پُور، تارن ۾ ترندو وتان،
سنڌو تنهنجو سُور، ڳرڻ ۾ ڳوندڻو وڃان.

●

مايوسي اُمواس، لحظي ۾ لوڙهيو وڃي،
اتيو منهنجي آس، صدين جا سعيا ڪري.

●

ڪڏهن ڪاهڪشان، اُهاءَ سان اُڏندو رهان،
ڪڏهن مَڻ مٿان، مِٺي سهسايو سمهان.

●

ڪڏهن اُڏنا خِواب، چمان چنڊ، چڪور تي،
ڪڏهن انقلاب، سورج منڊل ڏول ۾.

●

اکر اکر اعلان، سِيان جي سوراج جو،
دمن جو مهمان، صديون سلجهايان پيو.

●

www.sindhsalamat.com

رڳو ڪانئرڪانءُ، ڏاهپ ڏڪٽي چا ڪبي؟
(1) رڳو سورهيه هانءُ، عقل ري آڏجيو پوي.

•

مارِيءَ جا مارِي، ڪي ڪي ڪونڌر ڏيهه ۾،
اوتر ۾ تارِي، اٿم پيڙي سَچّ جي.

•

پات انهي پارِي، لاٽ جني جي لات ۾،
ماٺ اٿم ماري، پيتن جا پالا هٽي.

•

انڌي آنڌاري، لٽي پونءِ تي پوت تي،
شعلا منهنجي شعر جا، ڪُندريون ڪاپاري،
پمبيٺ بخاري، پاري چڏيا پاٽ لئي.

•

نه ڪو آهي نياڳ، نه ڪي سانگ سياڳ جا،
سوپ انهن جي سُولَ ۾، جن جي سوچ سجاڳ،
سرتيون مون نه سهاڳ، ورتو آهي ڏهاڳ ڪان!

•

(1) اڏجيو: اڏو اڏ ٿيو، گهائجيو.

www.sindhsalamat.com

سي چو سمجهين سُورَ، جي تا ڏورڻ ڏِين تو،
پُور بہ تنهنجا پور، تون پيلو هو پُور ٿيا.

●

سوچون ۽ سعيو، سورج سان گڏ سوجهرو،
جيالو جذبو يڪو، چاهہ وتي چايو،
لايو – سجايو، نيت تہ ٿيندو نينهن جو.

●

رات ولوڙيم پاٽ، نڪتو مکڻ، سچ تي،
لوءِ لوءِ پهتي لاٽ، سعيو منهنجو ساب پيو.

●

آسا سان اوريان، اُتي اسر پهر پيو،
سِڪڻ، سونهن – سنوار جو، چنگ نئون چوريان،
ڏينهن سچو ڏوريان، دلبر پنهنجي ديس لئي.

●

ناهي سُرت سُتي، ڦٽڪي باک ڦٽي پئي،
ڦهري رات ڪُٽي، شفق، لهو ليلْ جو.

●

www.sindhsalamat.com

اسر مهل أتي ڪنيان، ڳوناٺن ڳاتا،
ڍڳها، منڊرا، وڇٽرا، مڙس ڳهٽا ڳهاتا،
ڪهاڙيون، لوڙهون ڪنيئون، ڪوڏارون، ڏاتا،
ڪِيس ڪندا ڪاتا، جوڌا، پنهنجي جُوءِ جا.

•

اسر مهل اچي، سوچ اتاريو لوچ ڪي،
ڳولي ساري لوڪ مان، مون جا لال لڌي:
بيلي آهي بَڌي، جيڪا تي جوتون ڏئي.

•

جڳت جا جوهر، جيان تيان جرڪندا،
ڪالهوڪي ڪُرڙي منجهان، اجوڪي اپچر،
اسان ۽ اوسر، ڏٺو، جونه ڏٺو اڳي.

•

سپني جي ساڃاهه، سُيان، سيان ڪان سگهو،
ڪلهوڪيون اوڳيون گهڙيون، اجوڪيون آڳاهه،
گس ڏسيا گمراهه، سونهون، اڻ سونهون ڪيو.

•

سيان جي ساجاهہ، آئيندو عمدو اجا،
ويهين، ايڪيهين اجا، اڳتي پنڌ اتاهہ،
راهن اڳيان راهہ، ماڻهوءَ منزل ناهہ ڪا.

●

سيان جي ساجاهہ، نئين سجّ نئين سنئين،
پوين منجهہ پناهہ، ايندا، وتندا ڪيتري!

●

سهائي، سُرهاڻ، دنيا، تنهنجي ديد ۾،
اڳيئي اهڃاڻ، سياڻي جي سهج جا.

●

سپني جا سوداءَ، سُيان ساپيان تئي نہ تئي،
هي تي جُوءِ جُوا ڪري، دنيا هٽي داءَ،
ٻوڙن دل ۾ ڏاءَ، متان مهڪ مُسي وجي!

●

سپني جا سوداءَ، آئيندي جو انت ڇا؟
ملنديِ ملم ماڳ ڪي، يا گهر گهر ڏيندا گهاءَ،
ورندا سرها واءَ، ايندي مُند بسنت جي.

●

www.sindhsalamat.com

ايڪيهين ايندي، امن ۽ انصاف سان،
سوچ پرئي سنسار کي، ڏاڻ نوان ڏيندي،
اڻ تيٽي تيندي، اميد آ استاد کي!

●

امن اچڻ جي چاپَ، ويهين سَن ويندي ٻڌي،
مَسين ٿيا ميلاپ، صديون ساهه سِڪيو هيو.

●

اچي ايڪيهين، امن آڇ جهان کي،
پوکي ڏي سُبتيون صدي، اُبتيون ڏي پينهين![1]
ٻهڪي پاويهين، ٽهڪي ٽيويهين پلي!

●

باقي ڍهاڪو، ايڪيهين اڳتان ته آ،
لوڪو، روڪيو ملڪ ۾، دڳ - ڌماڪو،
ويهين ۽ جو واڪو، "ماٺهو، ڏاريو ماٺهپو".

●

اچو آجيان، ايڪيهين سن جي ڪريون!
ڳايون امن، امان جا، نغمان نيڪ نوان،
ٻڍا، ٻار، جوان، سوچيو، پون ۽ بهشت ٿئي!

●

(1) سُبتيون: سڌيون، مثبت، تعميري،
ابتيون: تخريبي.

www.sindhsalamat.com

ماڻهو تيءُ مهان، پنهنجو پاڻ سڃاڻ تون!
جُڙيو تنهنجي جهد سان سهڻو جڳ - جهان،
مَثبت کي ڏي مان، مَنفي کان موشو ڪري.

●

ووڙيو وَنگ اُهي، ڏاڍِن جيڪي ڏاڍ ڪي!
ڪيهر ڪير ڪُهي؟ هرڪو هرڻيءَ هيرئون.

●

ڏرِن جيڪي ڏنجهه ڪي، اتن رِند اُهي!
ڪاتيءَ ڪير ڪُهي، ڪاتيءَ ڪُنا ڪيترا!

●

وڏي واڪ وڃي، "ڏاڍو - ڳابو" ڏيهه ۾،
هيٺو لوڪ هَڄي، هاڻو، ماڻي مَسندُون.

●

ڏاڍو هَڏُ ڏري، جِيوَن جَندُ، ڏڃي ڪيو،
اڃــا آڏي آنــدِ آ، پــرهــه پــنــڌ پــري،
اتو ڪست ڪري، اياريو سوراج ڪي!

●

ڪنهن وٽ ڪين قبول، ٻاجهاريون ٻوليون هِتي،
مروّت آهه ملول، دهشت گردي دادلي.

●

www.sindhsalamat.com

ڏاڍي جو ڏيکاءُ، آهي ابوالهول جان،
ڏوٿين ۾ ڏهڪاءُ، باقي ٻہ ٽي ڏينهڙا.

●

دهشت گردي بي ٻٽي، هُتي تنهنجو رنگ!
وطن توکي ونگ، سُتت وجهندو سَگّھہ سان.

●

ڏُٻرائي ٽي ڏوھہ، ڏاڍائي تون ڇا پَڏين!
ڇوھہ ڏکيندو ڇوھہ کي، لوھہ ڪٽيندو لوھہ،
پاڙئون پَٽيو ڪوھُہ، ڇيپاتي ڇوٽيون ڇڏيو!

●

ظالم تنهنجا زور، ورٽا وحشي دَوَر جا!
ماضي واريون مستيون، تازي سَن ٽي تور،
جهورن، ڦاڙن جهنگ ۾ گينڊا، گرگ، لغور،
ڊهون هٽندا ڊور، ماٺهو ڏيندا ماٺهپو.

●

جوت، بلب ۽ جيت، جيٽن ٽي ڪِرڙيون مِڙيون،
ڳيتن مٺان ڳيت، ڏاڍو، هيٺي کي ڏئي.

●

www.sindhsalamat.com

ڏاڍو، هيٺي ڪي ڳهي، هِيءَ حيواني ريت،
جاري رکندا جانور، ناحق جهڙي نيت،
ڀَنگت، ڀَت، پريت، انساني اطوار ۾.

●

پورهيت پِٺي پَٺ تي، ڪٺ تي ڪِلي خان،
پاپي، پورهئي جو ڪري آپي ڪان ايمان،
عمدو، عاليشان، ماڻهو ڏاري ماڻهپو.

●

هاٿُو ۽ هِيٺو، جهيڙو آهي جهنگ جو،
(1) ٻيلائي، ٻيلي ڳجي، ٻِلي ڪان ٻيٺو،
ماڻهو مانيٺو، ناهيو، محبت، ماڻهپي.

●

ڦـٽن، ڦـاڙن ڀاڻ ڪي، جهنگلي جناور،
(2) گهيٽن ڪي گهايو وجهن، نيش هٽي ناهر،
آهر ۽ واهر، ماڻهو، ماڻهوءَ جي ڪري.

●

(1) ٻيلائي: ٻيلائي شينهن.
(2) ناهر: بگهڙ.

www.sindhsalamat.com

ڏاڍا، ڏاڍايونْ، ڪَرڙا ڪندين ڪيتريون!
ڏرييون ارڏايون، مرندين، ڏربين ڏوڙ ۾.

●

محبت ڏاران ماٺيو، بُوءِ بنا بستان،
امن ري ايوان، جھڙو نقشو جنگ جو.

●

پاتون، لاتون پيٽ ۾، جيئين جنگ، امن،
جتان رمن راتڙيون، اتان ڏينهن اچن،
اڳتي وقت وڏن، جُھرندا، تهندا، جھومندا.

●

ڪمزورن تي ڪِيسَ، شهزورن جو شوقڙو،
جيسين جهڪن سِيسَ، تيسين وسن توڳرا.

●

تارازي ۽ تور، صحيح تئي سنسار جي،
ڪن ڏي ڪور - ڪسور، ڪن ڏي تور، اتور چو؟

●

www.sindhsalamat.com

(1) محمود ۽ اياز، رڳو ريت مسيت ۾،
ٻاهر ڳيرا. ڳيرڙا، باز اچا شهباز،
ريجهائڻ جا راز، ميان، ٻاڻ منجهي پيا.

●

اياز ۽ محمود، داب ڏسو درٻار ۾!
مسجد ۾ محدود، ٻلا ڪهڙي ٻاٽيي!

●

اياز ۽ محمود، جُڙتو نِيت مسيت جي،
ٻاهر هُوند - آهوندَ جا، ملهالا موجود،
اندر ۾ نمرود، ابراهيم زبان ۾.

●

معلوم آ مظلوم ٿا، مٿان مَچّ مِڙو!
چاهت ساڻَ رَچي وجو، چاٽت ساڻ چِڙو،
(2) ويڙهي ساڻ وِڙهو، مِلٽي ساڻ مِلو ٻلي!

●

آڏو اوٽ اڏينِ، پوَيان ڪوٽ ڪِري چُڪا،
ٻهنجي پورِي پيڙهه تي، پيا ٿا پاپ پَڏينِ،
تون چو ڏوَر چڏين، جيتر جابر بان نہ ڪن!

●

(1) اشارو، أيک هي صف مين کڑے هوگئے، محمود، اياز، ڏانهن.
(2) ويڙهو: جنگجو، جهيڙيڪار.

www.sindhsalamat.com

ڏاڍن، ڏِنگن، ڏوجهرن، گڏجي ڏنيو ڏيهہ،
سڙهيو جو ساٿيهہ، سولو سهنجو ڪيئن ٿئي!

•

ڏاڍن، ڏنگن، ڏوجهرن، ڏچن مُلڪ ڏڌيو،
ويڌن هان ۾ رَڌيو، روڌن آهي راج ۾.

•

ڏاڍن، ڏنگن، ڏوجهرن وٽان ويل وڌيو،
اٿو، درد آڌيو، سَنڌيو، سُورَ سَٽا ڪري!

•

(1) دهشت گردي ڏِيڪري، آهي ديس ڏنيو،
لُوسي، لانبوسي اڳيان، چو هي راج رنيو!
(2) ڪوتا، لُنبَ ڪنيو، پاپي ڊومبَ پچائيو!

•

ڪُڌن، ڪُپتين، ڪانئرن، وڏو چار وٽيو،
مورن جهڙي ملڪ جو، ڦنڌن هان ۾ ڦٽيو،
لوڪو، ڪَچّ ڪٽيو، اٿو، سَچّ سگهو ڪريون!

•

(1) ڏيڪرو: اجايو ڏيک، پيڪو، ڏڏو ڏيکر.
(2) پاپي ڊومب: وڏا ظالم.

www.sindhsalamat.com

ڪُوڙن شودن جي ڏتن، سارو ملڪ ڏتيو،
اهو شوشو، شور آ، تہ ڪوتن آهہ ڪتيو،
متان مُنهن مَتيو، سوڍا، سـامهـون سوڀ آ!

●

سانَهن، سيڙهُن، سوئرن، پنهنجو ڪيٿ پَٿيو،
لوڙها، منگهہ سگها ڪري، لوگها، لنگهہ لتيو،
اٿو، ڇِرڪ ڇَتيو، سَئونڪو، سونٿو ساڻ ٻئي.

●

ڏينين، وڇن، ازگرن، نانگن، ماڳ ڏنگيو،
سڄو ست ساٿيهہ جو، ويري زهر ونگيو،
اٿو جُود، جنگيو، سوڀ، اوهـانجـي سامهون!

●

ايڏيون آڏيون آڏِ، جيڏا ڪنڌ ڏئي سگهين،
قاتل ڪند، ڪٽاريون، گرز، ڪهاڙيون گڏ،
تيتر اَڳتي تڏِ، جيتر موت متان اچئي!

●

(1) پاڙن جا پاڙا، چيڏڪ لڏرائي چڏيا،
دوڏارن – ڏاڙا، ڪوندر، سهبا ڪيترا؟

●

(1) چيڏڪ: ڦڏو، فساد، ضد، (مرگهيءَ جهڙي بيماري).

www.sindhsalamat.com

مڙسالا، مايون، جهومون، ڳايون موج ۾،
ماڻيون محبت موسمون، عزّت، آجايون،
ڏنين ڏاڍايون، پڙڪي اتون باهہ تي!

•

سَرها، سُرها ساهَہ، ڪڇهريءَ ۾ قرب جي،
ورچيون وينا روشنيون، اپاريون اتساهہ،
ڳنڍيون ڳوڙهيون دوستيون، چايون، چُمون چاهہ،
للڪاري جنگاهہ، ڳوليون، ڀالا، گوليون.

•

ڪڇهريءَ ۾ قرب جي، ڏاها ڏيون ڏور،
ڳوليون سَرَ، ڳجهارتون، ڪريون تڪون، تور،
پر جي سامهون سور، تہ پوءِ سمجهو توبچي:

•

ڪڇهريءَ ۾ قرب جي، سوچُن جي سُرهاڻ،
(1) سچائي ۽ سونهن لئي پويُون ڪَنڊيون پاڻ،
(2) پرجي پريان ٻاڻ، اسين لانچر اوريان!

•

(1) ڪنڊيون: هار (گلن جا هار).
(2) لانچر: راڪيٽ لانچر.

www.sindhsalamat.com

اٽل اعتماد، ايرادي جي عزم ۾،
قدم قدم تي ڪيم، اميدون آباد،
نجاتن جا ناد، وڄن ھڪ ھڪ بيت مان.

●

عقل، اعتماد، لوچي، لوڙي تو لهي،
ڦيٽن ۾ فولاد، پگهرڻ ڪانپو تو اچي.

●

اڇهل اعتماد، آرھڙ جو اوتر ٽٽي،
طاقتور فرياد، وڏيو داد ونيو وڃي.

●

اندر اعتماد، پاھر پلّ ِتهان گهٽان،
فڪر سو فرھاد، ڏونگر جو ڏاري وڃهي.

●

اصل اعتماد، ستل سگهه آگهيءَ ۾،
بَرَ ڪٽي برباد، اٽن باغ دماغ ۾.

●

عجب اعتماد، ڏاھپ ڏبا ڏات ڪي،
(1) بند ڪٽي بي داد، اٽن داد، اميد ۾.

●

---

(1) بند: شعر جا بند
(يعني) نظم جا بند بي داد ناھن، انهن کي داد ملڻ جي اميد آھي.

www.sindhsalamat.com

انڌو اعتماد، موڳن کي ماريو رکي،
خوابن ۾ آباد، ساڀيان ۾ برباديون.

•

عشق پريو اعتماد، انگن ۾ عشّاق جي،
نچي نيزن وچ ۾، شعلن اندر شاد،
اتاهون استاد، امر عشق تيو وجي.

•

انساني اهاء کي، جهولو، جُهڙ نه جهل،
جهڙو پلو پل، تهڙو توڙ هليو هلي.

•

اهميءَ ۾ اوتر، آڙنگ ۾ آگم جئين،
ٺري نه ٺو ٺنب ۾، اندر جو اوپر،
جوڏن جو جوهر، پڌرو ٿيندو پنڌ ۾.

•

چمڙي، چهرو، رَتُ، ڏيکاءُ آهي ڏيل جو،
جاچيو جوهر جيءَ جو، سڀ ڪجهه آهي سَتُ،
طلب سمجهو تَتُ، باقي ٿُوتَڙ تذڪرو.

•

www.sindhsalamat.com

جاڳي برف رَجهي، ڀڙڪي آخر باق ٿئي،
هردم هيج هجي، مچرجي مانڌاڻ ٿئي.

●

جيڪو جو طلبي، اُٿئي پهر عشق سان،
لوچي نيت ليي، سعيو آخر سوڀ ڪي.

●

جيڪو جو چاهي، اهو جي ان ڪي ملي،
سدورو آهي، سِڪڻ ۽ سعيو اهو.

●

ڪونهي ’صلح ڪل‘، جهڙو ڪوبہ اصول،
ليزر شعاعي دور ۾، فتنو، جنگ فضول،
ماڻهوءَ آس ملول، جيسين جنگ جهان ۾.

●

سَڀ سُک ’صلح ڪل‘ سڀ ڏک جڏهن جنگ،
بيٺي آهہ بمن ڪي، پوڻ ۽ ڏيو ڪو ٻُل،
آٽيون امن، عدل، ماٺيون اُوچو ماڻهپو!

●

www.sindhsalamat.com

”جيئڻ ۽ جيئڻ ڏيو“، جهڙو ڪوبہ نہ جَس،
پيئڻ ۽ پيئڻ ڏيو، حصي رسيءَ رَس،
ڪنهنکي کهڙي ڪس، جنّت ۾ جيئري جئي.

•

پيري پيري ٻَمُ، اُلارين، الرون ڪيو،
تڪڙا ڪڏهن تَمُ، ڪندين ڪُلُ ڪمال ڪَي!

•

ڪڏهن ڪاوڙ ۾ ڪُڏي، وڙهي ٽيون نہ تباهہ،
ايٽم جنگ اٿاهہ، ڇڙي، ڇيهہ ڪٽي ڪندي؟

•

صُلح ڪل يزدان، ٽوٽل شرّ شيطان،
نيت عظيم انسان، آڻي امن جهان ۾.

•

ڌرتي ڌُف ٿئي تہ ڇو، ٿيندي توبَ تباهہ،
عالم ناهہ اواهہ، ماڻهو، ماڻهو واهرو.

•

الا، امن، امان، بنا جنگ ملي نہ تو!
مليو ڪنهنکي نان، سوا پيڙ، پگهر جي.

•

www.sindhsalamat.com

مظلوم آ مظلوم، ظالم کي ظالم چئو،
نہ ڪو هيٺو هيسجي، نہ ڪو شقّي شوم،
جيون جو مفهوم، محنت، محبت، ماڻهپو.

●

جهڙو امن، امان، اهڙو ربّ رحمان،
هچارو شيطان، پريان ڪنهن پيدا ڪيو!

●

امن توڙي جنگ جو، آڳو آ انسان،
چاهي ڪانُ، ڪِلو ڪري، چاهي ڪِلو، ڪان،
باهين مان بستان، باغن مان باهيون ڪري.

●

امن جو اهڃاڻ، احساسي انصاف آ،
اُهو سامهين ساڻ، جيڪو سوچي پاڻ لئہ.

●

روڪيو، لوڪَ لُڇون، ويهين، ويندي دانهن ڪئي،
ماڻيو، خير، خوشيون، ايڪيهينءَ ايندي چيو.

●

www.sindhsalamat.com

آيس انقلاب، آيو، قومي عـزم ۾،
ساپيان تي پيو سنڌ جو، هـڪڙو خواب،
مون جو لکيو باب، اهو ڀاڱ سياڻ جو.

●

مون جي لکيا ليک، تن ۾ ڏيک نہ ٻيک،
(1) ڪيم ڪـوڪ ڪَرُوءَ چڙهي، لوڪ چيو لبِّيڪ،
اڃا سَـڏ انيـڪ، ڪـندو رهندس قـوم کي.

●

ٻُري ڏنم ٻانگ، ڪيٽيءَ کان ريٽي ٻڌي،
اٿيو چِـنيي، چاچرو ماري چوهہ چلانگ،
سنڌو تنهنجي سانگ، قبر ۾ ڪوٺون ڪندس.

●

مون جا ڪـئي ڪوڪ، پٺائيءَ پٺـكي چيو:
”ولولو ۽ ووڪ، اي تان آهي عشق جو“.

●

سَڏن مٿان سَڏ، سٽي جُوءِ سجاڳ تي،
اٿيا مَنهن، مَڏ، چـارا، چئونڪ، ڏُڪي پيا.

●

(1) ڪرو جبل: لنگرو جبل.

www.sindhsalamat.com

ڪئي، مون ڪوڪار، سڀي لوڪ سجاڳ ٿيو،
پڙاڏا گونجڻ لڳا، پاتاران، پبولار،
ڪچي ڪان ڪهسار، جاڳرتا جرڪي پئي.

●

ساري عمر سڏيو، توکي سنڌ سَچِي اتم،
ڳُتو بنگلو هونہ ڪو، ڇَپر مون نہ ڇڏيو،
مون جو ڏيهہ اڏيو، ٻوهيءَ ڪان ٻهٽو نہ آ.

●

ڳايم آمر راڳ، آجي عيد، اميد جا،
اڪر اڪر ايڪتا، نظر نظر جاڳ،
پومي تنهنجا پاڳ، اوتيا مون آلاپ ۾.

●

ماري تولئہ موت ڪان، ڪڙا منهنجا گيت،
جابر توتي جيت، مقدّر ۾ مون لکي.

●

ڪاتي ساتي بيت ۾، ڪاتي باغي بيت،
انقلابي عزم جا، اندازا بي ڪنيت،
سُک ۽ ڏک سميت، منهنجو سودو سنڌ سان.

●

www.sindhsalamat.com

سچي منھنجي سِٽَ، ائين ساھت ست ۾،
ڀٽائيءَ جي ڀِٽَ، جيئن جَرڪي جوءِ ۾.

●

دڳ دڳ تي پنجوڙ، وڏي ويرينِ مون اڳيان،
پڳ پڳ تي گجگوڙ، سُٽي منھنجي سنڌ پٽي.

●

سنگھر تي سنگھر، ڏوڏارن مونکي بَڌي،
مان اوتر ھو ڏينگر، ڏوھا ڏسڙ تي ڏُکيا.

●

تو وارا زنجير، پوندا تنھنجي ڪنڌ ۾،
مون ۾ آھين تون متان، تکين مون تي تير،
امن عالمگير، جڪڙي ويندو جنگ کي.

●

قاتل رات، ڪمند، آندا منھنجي عزم لئي،
ڀڏيا کھڙا بند، سورج، اوتر، سچّ کي.

●

ڌھاڙي ڌياري ڪري، انڌاري ٻاريان،
سورج اپاريان، جيسين مان سوراج جو.

●

www.sindhsalamat.com

نِمي سِکَ سلام، آمِر، ڪر عوام کي!
نئون نيڪ نظام، مڃي سَچج ماڻهپو.

●

نئون نيڪ نظام، ’جيئو، جيئڻ ڏيو‘، ڏسي،
امن، سک، سلامتي، آڻي لاءِ عوام،
آدرشي انعام، سارو ملڪ معاشرو.

●

تو جو سنڌ سِکيو، مونکي سيکاريئي اُهو،
مون جو سچّ لکيو، توکي سينگاريندو پيو.

●

پڇين ٿي منهنجو، مونکان، توکان مان پڇان،
ڪوي مان تنهنجو، مونکي ڪير مَڃي سگهي!

●

مون تنهنجي ساراھ، مون تنهنجي هستي لکي،
مونکي ڇا پرواھ، توکي پرواھ آهي ڇا؟

●

مونکان ناهين تون مگر، مان آهيان توکان،
هاڻي منهنجي ’مان‘، تو ناتي، ’تُون‘ ٿي وئي.

●

www.sindhsalamat.com

(1) ڀٽائي جُڳ جُڳ جئي، قاسم پڻ قائم،
سندو مان دائم، تنهنجي صدقي، سٽ ۾.

●

(1) اشارو، خليفي نبي بخش قاسم، ڏانهن.

www.sindhsalamat.com

## سنڌ جو قصيدو

ساڃهه سرمو پاءِ، پوءِ پَسِج سنڌ کي،
’جنّت عدن تجري مِن تحتهَ الانهار‘ ، ساري سِيمَ سُهاءِ،
جُوءِ نہ ڪنهنجي جاءِ، بخاري هِن پُون ۽ سان.

●

نعمت، ڪوهستان، جنّت: لاڙ، سرو، ٿر،
هِتي حُور، قصور جو سمورو سامان،
’فَبِاَيِّ آلآءِ رَبِّڪُما تُڪذِّبِن‘ ، جاچيو، جوءِ جهان،
ڪعبو، نبي، قرآن، بخاري، سڀ پونءِ تي.

●

مون لئي ’مازاغَ البَصَرُ‘ ، پٽي تنهنجي پاڪ،
ڪوثر ڪٽيون موڪليون، مٽان گُلن ماڪ،
سٽئي باغ بهشت جا، اٽئي ٿر جا ٽاڪ،
بخاري بيباڪ، ڪهيو ڪلمو حقّ جو.

●

پَسو، سنڌو پاڪ، اڪ ڪٽي استاد جان،
جِهرمِر جِهرمِر ڪهڪشان، خوشبو خوشبو خاڪ،
هميشه حسناڪ، سونهارِي سنسار ۾.

●

www.sindhsalamat.com

سهيڙي سڀ روشنيون، ميڙي سڀ سرهاڻ،
وجهي سنڌوءَ سير ۾، مَسُ ڪري مهراڻ،
لکيَ مون واکاڻ، بخاري، هن پونءَ جي.

●

هِن تر جي تعريف، ادا ڇا استاد ٿئي!
رمزون سڀ ربيع ڪريان، خوبيون سڀ خريف،
تڏهن بي تعريف، پتي پوري ڪانه ٿئي.

●

سنڌوءَ جي ساراهه، انت نه ٿئي استاد کان،
هوءَ جا بوءِ بهشت جي، سرها تُنهنجا ساهه،
هو جو دونهون دوزخي، اهنجي تنهنجي آهه،
پَسيو ناهه ۾ ڏاهه، ڀڪيو هانءُ ڀريو پوي.

●

نِت نِت نئين نيڪي، جيڏي، ڪريان جُوءِ جي،
تارن جوتون موڪليون، ڦُلن بوءِ ڦينڪي،
سو سڀ منهنجي سنڌ ۾، جڳت ۾ جيڪي،
ذات، اجا ڏي ڪِي، بات، بخاري پُونءِ جي.

●

استاد آخرڪار، مرڻ ناهي ميهڻو،
همّت جي هڪ ڏينهن تان، صدقي سال هزار،
غيرت ڪِڃ نه غار، بوتو پيند، پريو ته ڇا!

●

www.sindhsalamat.com

ڏرتي تنھنجو ڏيان، ائين آ استاد کي،
ٻُڏا جيئن لوچي لڏو، گمراھي مان گيان،
ھُن ڳوليو نروان، آءٌ آجايون ڳوليان.

●

بي حد پونءِ بيان، ادا چا استاد ٿئي!
ڳوھيان ظرف زمان ۾، موھيان منجھ مڪان،
مِٽيءَ مانُ مھان، اجا آڳاھون گھڻو.

●

بي حد پونءِ بيان، ادا، چا استاد ٿئي!
ھڪڙي ذرڙي زندگي، ھڪڙي ضعيف زبان،
جان جان جِيءَ ۾ جان، تان تان تات وطن جي.

●

سنڌوءَ جي ساراھ، ادا چا استاد ٿئي!
منھنجو ساھ مُني صدي، سندس سونھن اٿاھ،
اسان کي اللهَ، ڏني سنڌڙي ڏاڻ ۾.

●

سنڌوءَ جي ثنا، ادا چا استاد ٿئي!
ڪِرڙ، ڪنديون ڪلڪون ڪيان، پَڊر پَٽ پَنا،
چِيِر، ڪَڪ، چنا، ڳائِن تہ بہ ڳالھيون گھڻيون.

●

www.sindhsalamat.com

وطن ۽ ويساهه، سمجهان ساڳي ڳالهه تو،
آزادي، الله، هوندا هڪڙي هنڌ تي.

●

جيڏو سچّو، سلڇڻو، ايڏو سياڻو،
جيڏو ارڏو، ٻي ڊپو، ايڏو نماڻو،
ناتو اباڻو، سَگهو منهنجو سنڌ سان.

●

هو جو مون سپنو ڏٺو، اهو هو آفاق،
تتو ٿر جو تاڪ، سو مون ساپيان ماڻيو.

●

شاعري چانڊاڻ تي، موسيقي سرهاڻ،
مون توسان مهراڻ، آفاقي ناتا ڳنڍيا.

●

هينئون توڙي هوش، ڏِياري هِن ڏيهه جي،
جيڪو جذبو، جوش، وطن تان واري ڇڏيان.

●

سنڌي منهنجو ساهه، سنڌي منهنجو سَتُ،
رڳون، پوٺيون، رَتُ، منهنجون هِن مٽيءَ مان.

●

www.sindhsalamat.com

تن ۾ جا طاقت، سَيِّ بخاري سنڌ جي،
”مران مران، مات نہ ڪان“، اها اشرافت،
اهم عبادت، اٿم ورد وطن جو.

•

سوچون، لوچون، سَگهہ، سيِّ حوالي سنڌ جي،
امل تِيَن اگهہ، مران، جيئان ماڳ تي!

•

وطن سان ايمان، اٿم قائم، مولوي!
رسالي کي سنڌ جو، سمجهان ٿو قرآن،
مران مسلمان، اڪثين آجائي ڏسي.

•

سِنڌو منهنجي ماءُ، ٻڌي چڏ هي ٻول تون!
پاپيءَ سان پرچاءَ، پرچڻ آب ۽ آڳ جو.

•

ٻُڌ او، ماءُ – ٻولي، ڪوئي قول ڪري چُڪو!
جاڙيءَ تي گولي، سنڌي ٻولي جيِّ تي.

•

ڪيڏو آهُ ڪوي مَگر، ڪَريان ڳالهہ سچي،
سنڌي قوم ٻچي، ٻچيس، تہ تہ مري ويس!

•

www.sindhsalamat.com

## سنڌُو منهنجي ماءُ

او سنڌو ڌرتي، ٿورو توٽي چو ٿقيان!
هي منهنجي هستي، توريءَ چولي، سمنڊري.

●

مران ياڪ جِيان، جيجل تنهنجي جند سان،
توري ڪيئن ڪيان، ڪِرٽو، سِج ري ڇا ڪري!

●

منهنجو هڏ ۾ رَتُ، سِر سوڌوَ تنهنجو سِنڌو،
سَتن پيڙهين سَتُ، ڌرتي ۾ اوتي ڇڏيو.

●

لولي ماءُ ڏني، جهوليءَ ۾ جهونگار سان،
وتو توکي وِير مون، پنجئي پير پني،
ڪجئين ڪين ڪِني، "پنهل" پنهنجي قوم سان.(1)

●

اوراٺا آيل، مِنيءَ ڏنا ميٺ سان،
جهونگاري جِيءَ مان جئين، ڪوڪاري ڪويل،
انهن ۾ اوتيل، ماڪي هئي مهراڻ جي.

●

(1) پنهل شاھ: شاعر جو اصلي نالو.

www.sindhsalamat.com

آيل اولاٺا، ڏيندي، ٻوليون، ٻوليون،
جَهلي ٻُڪ، ڪنا ڪيا، دعا جا داٺا،
سدورا سياٺا، وڏو تي ويچارجاڻ!

•

اُهي اولاٺا، اولا جڻ لاهي چڏيا،
مادر جي مونکي ڏنا، پينگهي ۾ پاٺا،
پُونءِ پٽون، ياٺا، پانيان جيجل - جهولڙي.

•

اُو جي اولاٺا، اوجا، جاڻ، آجاڻ جا،
وينا سوچ، آسوچ ۾ تاڪ ڪري تاٺا،
سي پئي ساماٺا، اندر اوساريون ڪري.

•

ڏُکن ۾ ڪِلُ - مڪّ، سويا منهنجي سند جا،
تئين آڪّ ڦلهارجن، جئين لڳي لُڪّ،
پر جي سَرن سُڪّ، بَرين، باغ ڪِڙي پون.

•

ٻيلي ۾ ٻڙڏڪّ، ٻير، ٻوڪٽ روز ڪن،
چوليون چونه چتيون ٿين، دريا ڪائن ڏڪّ،
لٿيون ڪٺو لَڪّ، ڪيڏي جٺ جبل سان!

•

www.sindhsalamat.com

ڪچي ڪين ڪُچي، ٻيلو ٻوڙو تي چڪو،
ڪائر ڪاچي خوف ۾، پائر چو نہ پچي،
وجهيو ڪرت قهار تو، ٻيئو ماڳ مُچي،
لُٺيو لوڪ لُچي، اٿيو اوتر ناهہ چو؟

•

ماڪون يا ڪي مِينهن، وَسن ريت تتيءَ تي،
جيڪي جيئڻ ڏينهن، ڪَيمِ پونءِ ٻِلي اُهي.

•

جيڪو ڏيهہ - ڏڪارُ تنهنڪي ڏنب ڏياريا،
۽ جو سنڌ - سڪارُ تنهنکي سنڌ سنيارجانءِ!

•

راتاڪون ريهان، ڏِينهان، ڏيهہ سڄو سٽي،
ڪِيهُن تي ڪيهان، جيتر جوءِ اتي پوي.

•

دادوءَ جي دِل شير، هاڙهي ۽ هالار ڪئي،
روهہ زرهہ، ڍالون ڀِٽون، شهر شهر شمشير،
سارو ديس دلير، ڳايان ڪهڙي ڳوٺ کي.

•

ڳُهمي پيو گهاٽو، پيڙي ساري سنڌڙي،
تر سارو ٽاٽو، "هَٿ ڀِٽري" جي هَٿ ۾.

•

www.sindhsalamat.com

## چيڙي بحث اڇاترا

محفل منجهه مدام، سوچن سنڌي، سنڌ جا،
هاري ۽ مزدور جي محنت تي ماتام،
پاراتا پرمار ڪي، دشمن ڪي دشنام،
ڳالهين مان ڳالهيون ڳهٽيون، هٽندا هرهر هام،
هِينئن تئي ۽ هونئن تئي، جهڙا ڳفتا جام،
وقتائتي ويڙهاند ڪان، لهرائيندا لام،
آخرڪار انجام، ”جيڪا مرضي ربّ جي“.

●

جيڪا مرضي ربّ جي چِٽو تي چوندا،
لِڪئي منجهان لِڪ ڪي لَنيون پيا لنوندا،
سؤئي راهه رد ڪري، پيڙهه بَڌي پڙهندا،
هاديءَ تي هٽندا، رولا پليل راڄ جا.

●

رولا رهزن دَور جا لوڪان لڪائين،
چوندا: ڪمي ڪونه تا ايڏو ڪمائين،
پڙهن ڪهڙو چوڪرا، ڪهڙو پڙهائين،
وينا نتائين، چيڙي بحث اڇا ترا.

●

www.sindhsalamat.com

•

چيڙي بحث اچا ترا، چوڪر چرڪائين،
قِسمت، ڪوشش، فلسفا، اُڏڻ اٿلائين،
تڙ تي تِرڪائين، متان، مَڇُ پڇي وجهن!

●

چيڙي بحث اچاترا، مذهب منجهائين،
اڇيو يونءِ جي وچ ۾، اپ ڪي اٽڪائين،
ڪونڌر ڪٽرائين، فتوائون ڦوڪون ڏئي.

●

چيڙي بحث اچاترا، ڏڏَر وڌائين،
پَٽر ميڙي پاڻ وٽ، پِٽر پچرائين،
ڦيٽا ڦٽڪائين، پاچاريون پياريون ڪري.

●

چيڙي بحث اچاترا، گِڙٻڙ ڦهلائين،
مِرُن کي مهلت ملي، واتا وئرائين،
ڪُرڙيون پڪڙائين، واڳون، سيسر وچّ ۾.

●

امن ۽ انصاف جي تَرَ ڪئي تقاضا،
بندوقن جا ٻئرڪن، ڪوليا دروازا،
رستا جنازا، بازارون، ڪرفيو سَنيون.

●

باڪارڻ پيلا لڳا، پِٽن جُهت جنبل،
بازارون دهشت ڏڪيون، پاڙا، چئونڪ ٻَهَل،
قاتل، جهل نہ پل، قتل غارت اوج تي.

●

گهمي پيو گهاٽو، پئي تي سنڌو پيڙجي،
قتل غارت هر جڳهہ هرڪو رت هاٽو،
هيروئني ناٽو، ڪليو خون ڪري پيو.

●

سازش تي سازش، هڳدي تي هڳدو،
تاتارين جي سنڌ تي، نت نت نوازش،
قسمت ۽ ڪوشش، ڳڌي لوڪ، ٻِلو ڪريو!

●

## گن ڪلچر

ڪالهه پڙهو هو موت جو، اڄ سِڏو سڪرات،
ڪِٿي رُهبر رائفل، ڪٿي مُڏا ڪات،
مصيبت ڪيَ مات، ڪندي، جيئندي قوم سا.

•

گهٽي، گن - ڪلچر، گهر ۾ دَوُر قرآن جو،
محلي ۾ محشر، در تي وِرد درود جو.

•

گوليون، گنسون، حالتون، مائوزر ماحول،
دهش گرديون چئونڪ تي، چڙهي لڏن چوڏول،
بارودِي بڙڏول، امن، چين، چني ويا.

•

ڏاڍو ظالم ملڪ ۾، جتِ لوسڻ ۾ ڏاٿو،
دهشت گردي ديس ۾، جتِ ونئڻ ۾ چاٿو،
ڳاري مان ڳاٿو، ڪيو، وَڏو پو مچان!

•

جمهورڙي جمهور، جيئي جمهوريت ڪٿان،
سنڌ سڄي چڪچور، سَرسي پهرئين سُورَ جي.

•

www.sindhsalamat.com

جمهوري قدرون، کهڙيون قدرون، رهبرو؟
ردن کي لٿيون، ٻگهڙن کي منٿون وڏيون.

•

دهشت گرد غدار، ڪُوڙا، ڪَڙڪڙ ٽوڪرين!
جهوري وجهندءِ پُونءِ جا، بخاري جهونجار،
ڪُٽيندءِ ڪاپار کي، ڏريندءِ ڏهڪار،
سورهيه، سِنڌ - سُڌار، جوڙي وجهندا جُوءِ کي.

•

هوڪاري پَرمار، ڏَڪيندءِ ڌرتي - ڌٽي!
دودن جا ديهه ديهه تي، بخاري، ڌڌڪار،
حقّ سيئي حقدار، ڪڙڪي، وٺندءِ ڪنڌ تي.

•

ڏرو ڏوهارِي، پيليو چوٽا پونءِ کي!
تپي تي تر جي پٽي، ڦهري ڪوتاري،
بخاري پَڙڪيو چوي، ڪَنبو ڦهّاري!
ترَيڻو تاتارِي، ڪُرِڙين جِيئن ڪٺاهه ۾.

•

وَٺ وٺ اُٿي آهَه، دَر دَر دُکي آهَه،
پونءِ بَخاري تي وئي، آهُنِ جا آڙاهه،
ملڪ سجوئي معرڪو، جوڏا ۽ جنگاهه،
پاپي ٽيندا پاهه، ڦهري ٻرندا ڪانيون.

•

www.sindhsalamat.com

## نياپو نينهن مکو

نياپو نينهن مُکو، خبردار عشّاق ٿيو!
اوچو موت اُکو، نيچو سيس نِمي جُئي.

●

ريج ڪيائون رَتُ، ٻجُ ڇٽيائون ڪوپريون،
اگهو اڄ سگهو سيان، سنڌو تنهنجو سَتُ،
تحريڪن جو تَتُ، وٺرڻ ويندو ڪين ڪي.

●

جيئريون جانيون جي، ملهيون ويڙهه وڏيءَ ۾،
اُڪَر تِن جي اسم جي تاريخي تَن تي،
الف، بي ۽ تي، اکر اکر اڻ مُلهو.

●

جيئنديون جانيون جي، پُريون پونءَ پلي لئي،
ورن، واس، بسنت کي ساڳيون ڏينديون سي،
موسم، موسم تي، مُهرون سندن سوڀ جون.

●

رت، گلابي رنگ، مارڳ کي مکجي ويو،
عجابي استاد ٿيو، آئيندو انگ انگ،
جيتر دنيا دنگ، ايتر سورهيه سرخرو.

●

www.sindhsalamat.com

رُنو ايڏو ڏيهه، چولو پونءَ پڇي چڪو،
ڇڇڪو ساگر سُور جو، چولين ڪونهي ڇيهه،
سياٽي ساٽيهه، ڳـوڙها شـال اُگهي اُٿـي.

●

منهنجا سَنڌَ وَڍيا تـہ ڇا، سَنڌ نہ ٿئي سنڌڙي،
جوڌن جي جِندڙي، وطن لئي وڙهـنـدي ٿهي.

●

سَنڌَ نـہ ٿئي سِنڌُ، پنهنجا سَنڌ وڍيا تـہ ڇا،
جوانن جي جِندُ، وطن لئہ وڙهنديٰ وتي.

●

www.sindhsalamat.com

## ڌرتيءَ جا ڌوڏا

تھبارون، طوفان، ٻيلا، ٻيلاٽيون ڪيا،
وڻ وڻ وارن ڪان ڇھلي، گينڊاڙيا گھمسان،
ڏونڏاڙيا دھقان، ڌرتيءَ جا ڌوڏا ڌِسي.

•

ڌرتيءَ جا ڌوڏا ڌِسي، ڏيھي ٿيا ڏاھا،
ھيبتناڪ ھراسجي، ھانوَن ڪي ”ھاھا“،
چاڙھا ۽ لاھا، جُھوتا ٻينگھہ – جھان جا.

•

ڌرتيءَ جا ڌوڏا ڌسي، ڏاھا ٿيا ڏيھي،
محلاتون، ماڙيون لڏيون، ونگ ويا ويھي،
پيھُيِن ۾ پيھي، ورتئون پاند پناھہ جا.

•

ٻيانڪ ڀونچال، اچانڪ ڌوڪي پيا،
ماڙيون، ٻاڙا، مال، سرمايا سھڪڻ لڳا.

•

www.sindhsalamat.com

ڌرتيءَ جا ڏوڏا، ڌِهه ڌِهه ڌُوڙيا ٻَتي ويا،
ڪوڙائي لوڏن ڇڏيا، گهر گهر جا گوڏا،
دَر در جا دوڏا، ڦِندِڪ سان ڦاٽي ويا.

●

ڌرتي ڏڏي ڏَنگ، ڪرٽو ٿي ناهي ڪڏهن،
وچندو رهندو وِڄ ٿي، چوماسي جو چنگ،
(1) آتش – ڦينڪ پهاڙ جي پر ۾ جهومي جهنگ،
ڪيڏو روشن رنگ، چمڪي ٿو ٽڪراءَ ۾!

●

(1) آتش ڦينڪ: آتش فشان پهاڙ.

www.sindhsalamat.com

## پيغام

پهچائج پيغام، بخاري، هن پون ۾ جا،
ڦاٽا خاص ڦندي ۾، آجا ناهن عام،
ڪاسائي ڦهري لُڪون، ڪليون، گل ڦتلام،
ميخانا، مڪتب، مِلون، مَنهَن، گهر ماتام،
ڪارا ڪڪر ٽيو وچن، نَيّر جهڙا نام،
هاٿي هٽجي هام، ڏسيو، ڪهڙي ڏيّ تي!

●

عجائب آوازُ، بخاري، هِن پون ۾ جو،
ڪڏهن ڪينجهر – ڦاز جان، ڪڏهن بحري باز،
ڪٿي سوچ – صلاح سان، ڪٿي اُٿ – اعجاز،
دُکيءَ وٿ دمساز ۽ مُکيءَ وٿ ممتاز،
آمُر ۽ ايلاز، ٻئي ٻَلّ ڪلامَ ۾.

●

ڪُوڪن جا ڪرتبَّ، سُتا سڀ سجاڳ ٿيا،
اگهايون استاد جون، رنيون آخر ربَّ،
ميخانا، مڪتبَّ، ٽوٽيون، ٽنب اُٿي پيا.

●

www.sindhsalamat.com

## سنڌ جو سعيو

سنڌ جو سعيو، رکو پنهنجي جند جان،
اتو، جهد، جتن سان، بر تر برسايو،
وطن ورسايو، وينجهارؤ وارو ڪيو!

•

سهڻي، سوني سِنڌُ، سدا جرڪي سِجُ جان،
جيئي جڳ جي جِندُ، سنڌو جان جهان جي.

•

(1) اجا چانڊڪا، چانڊيو، منگسي ڪيستئين،
تون پنهنجي تاريخ تان، ٿوڪون لاهه ٽِڪا،
ڌارئين ڌيج ڌِڪا، پائرين پاڪر وجهي.

•

چئو تون چانڊڪا، ڪُرسو رهندين ڪيستئين؟
جوهر تنهنجي جُوءِ ۾ بيشڪ برڪ لِڪا،
ڪونڌر وڏا ڪوڏيا، تنهنجا تيز ڪِڪا،
ساري سنڌ هِڪا، تون پڻ بازو پونءِ جو.

•

www.sindhsalamat.com

بانڪا ڇانڊڪا، ڪنبيو رهندين ڪيترو،
دودا، ڏڱ ڏِڪا، ڪائڻ ڪوڪي خان ڪان!

●

www.sindhsalamat.com

(1) چمڪيا تو ۾ چانڊڪا، موهن، جهڪر، لنگ،
ديهون ناهن دنگ، اڳتي لوهم، آمري.

●

(2) رني يا راوڙ، جيئن نه ڏئي جيور،
قلعا، ڪوٽ پناهه پر، ڪاهيندا ڪونڌر،
هوش، همّت ۽ پَر، سورهيه گهرجن سوپ ڪي.

●

(3) ڪائر، پائر، ڍٽَ، مُنڍي، ٽنگون، ڏڙ،
ٻِٽون، ڏهر، ٻَٽ، اڱ هڪيئي لڳ جا.

●

ٻِٽ ٻِٽ تي پاٽو، اباڻن جو آدِ ڪان،
(4) ڪنٿو قرب وندو گهٽو، مِنو مهراڻو،
پارڪر پُراڻو، نئون نينهن ڪري وڏيو.

●

(5) ترجائي سان ٻَرُ، ميڇڙي ڪير ملير ۾،
اولانبيون ٿيون آڳريون، جي نه سَلي جَرُ،
قائم اوچو ڪَرُ، ڪوٻو ڪوسو ڪاپڙي.

●

---

(1) لاڙڪاڻي ضلعو وارو خطو.
(2) موهن جو دڙو - جهڪر جو دڙو - لنگهه جي تاريخي ڍنڍ.
(3) رني ڪوٽ، راوڙ، جيور، قلعن جا نالا.
(4) ٿر جا طبعي ڀاڱا. مڪاني نالا.
(5) ڪنٿو ۽ مهراڻو - ٿر جي طبعي حصن جا مڪاني نالا.

www.sindhsalamat.com

ڪاڇا، تنهنجو ڪاڇ، ورهيارو وسڪار سان،
(1) واهيون، ڪورون، ريج رڱ، ريڙها، گجي گاج،
هاري هر جي هاج، ڪاري مزدوري ڪري.

●

(2) سورهيه ساهتي، سارنگ سهتي جا آجها،
(3) ڪاهين ڪلڪ، ڪنار سان تڏي توءِ تتي،
تنهنجي پُور – پتي، سَٽين، سوچين سنڌ ۾.

●

دادوءَ جي دل شير، ڪڇي ۽ ڪهسار ڪئي،
بانڪو بلاول امر، دريا خان دلير،
هرڪو مرد مٽير، ڪيهر ڪوهستان جو.

●

(4) مان مٿاهون ميلُ، جَرڪَ جهجهي هن جُوءِ جي،
هڪڙو رانجهو هيل، لکين مير مٿي ويو.

●

---

اشارو، روپلي ڪولهيءَ ڏانهن.

(1) ڪورون: ڪاڇي ۾ پاڻيءَ لاءِ هٿ جون کوٽيل ناليون.
واهيون: ڪاڇي جي نين مان ننڍا پاٽمرادا وهڪرا.
رڱ: ننن جي پاڻيءَ جو وهڪرو، ريج.
ريڙهو: ٿورو پاڻيءَ جو رڙهي پهچي.
(2) ساهتي: هاڻوڪو نوشهرو ضلعو ۽ خيرپور ضلعي جو ڪجهه حصو.
(3) هتي ناميارا ڪلاڪار به پيدا ٿيا ته جونجهار به.
(4) ميل: ساريالو علائقو، ميهڙ کان شڪارپور تائين وارو علائقو.

www.sindhsalamat.com

سورھيہ سگھا، سيبتا، مانجهي ميھڙائي،
لوکن ڏيکاريا لقا، جوڌن جھِڙائي،
اٿل اھڙائي، جبر ساڻ جُڌون ڪندا.

●

بهادر بتنگ، سيخن ۾ سَنجڻ لڳا،
ڏاھن جا ڏنيڻ لڳيون، اولانبيون انگ،
نِکري نيٺ پتنگ، الُري آيا آگ تي.

●

اُلري آيا آگ تي، پئن ست پروانا،
بَيِّر، يميث سامهان، شعلن ۾ شاڻا،
ڇِپيّون: ڳل - ڳاڻا، جهجّهڙ: ڳاڙھيون اجرڪون.

●

دادوءَ تي دڙباٽ، تاتاري يلغار جا،
شاھد ڪُهني قهر جا، لڪّي، تلتي گهاٽ،
ڳوٺن اوچا ڳاٽ، جُهريا، جُهکيا ڪين ڪي.

●

راوت، راڏڻ، خيرپور، ميھڙ شھر مٿير،
سارو ديس دلير، ڳايان کهڙي ڳوٺ کي.

●

www.sindhsalamat.com

ميهڙ ۽ مهراڻ، ميهر ٻنهي ۾ معتبر،
سهڪن سنڌو ساڻ، گڏجي گرميون، سرديون.

•

ميهڙجي ميهڙ، قهرن تي ڪنڪي ڪئي،

•

سورهيه گوليون سامهون، جڻ برسات ۾ ٻڙ،
ڏڏڪاڀ ڏوڙيا، ڏڙ، ٻوهيارا، ٻاهيون لڳيون.

•

ميهڙ جي مڙسن ڪيو، ڪنڪ تي ڪاهون،
ٻه ٻه ٻارهن، ڏهه ڏهان، ٻارهن سئو ٻاهون،
ڏنائون ڏهڪار جي، بازر ڪي ٻاهون،
ڏوڏ ڏنيون ڏانهون، مارون ڪائي، ملڪ ڪي.

•

ملڪ سڄو ميهڙ، ٻنجي، ٻوت، ٻڃي وڃن،
گهر گهر، تڙ تڙ تان تئي، تاتارين کي تڙ،
ٻنين ونين لئه وڙهڻ، وير اوهانجا وڙ،
جوءِ منجهان ٿي جڙ، پاپن جي پٽبي سگهي:

•

www.sindhsalamat.com

عذر خواهي مان، پُورَن - پَٿرَ تي ڪريان،
نشتر، راز، وقار ۽ وفا، آٿم سان،
ادا، اسان کان، پيارا، پاپ ڪسي ويا.

•

زوراور ظالم، ڳُونڊر کُهرائي وڌا،
آءُ وفا، آٿم، مارُن لئه ماتم ڪريون!

•

www.sindhsalamat.com

## ڄامشورو

سنڌوءَ جو ڄيرو، 'شورو ڄام'، شهر آ،
ڄيري ۾ ڄيرو، سنڌ جي سهندا ڪيترو؟

•

سنڌوءَ جو ڄيرو، شورو ڄام، شهر آ،
متان ڄمي ماڳ تي، پاپن جو پيرو،
ڄيري ۾ ڏيرو، متان، مرض ڪري وڃي!

•

سنڌوءَ جو ڄيرو، شورو ڄام، شهر آ،
ڏاڍو ڏئي ڏاڍ کي ڇيري تي ڇيرو،
گهنگهر جو گهيرو، ڪڙڪو، ٽوڙيو ڪونڌرو!

•

سنڌوءَ جو ڄيرو، شورو ڄام، شهر آ،
آڪيري جي ڪُک ۾، ڦٽي ڪانڌيرو،
تہ پيو واهيرو، ڪٻو کهڙي آسري!

•

سنڌوءَ جو ڄيرو، شورو ڄام، شهر آ،
اڇو اُجرو اوڄ ڇو، ٽٽي مُنهن ميرو،
لوڏيو انڌيرو، ڪونيو، سگهو سوجهرو.

•

www.sindhsalamat.com

## منهنجو ڳوٺ مٺو

(1) منهنجو ڳوٺ مِٺو، ايڏو، جيڏو ڪوبہ نہ،
منهنجي ديد ۽ دل ۾ دلبر ڪُل ڪَٺو،
جيڪو ڏيک ڏِٺو، رکيو سانڍي روح ۾.

●

غلام چانڊيو، منهنجو ڳوٺ مِٺو، سُٺو،
لِکان لک دفعا مان، ڪاغذ، ڪلڪ ڏِيو،
پڪو پيچ پيو، مونکي ماءُ جٺيو جتي.

●

ڪهڙا شعر لکان، پنهنجي پياري شهر تي،
ماڻهو جنهن جا مَن ۾ جيئن صفحن منجهہ سِٽان،
ستي خواب ڏسان، گهٽيون گهير گهمان پيو.

●

منهنجا ڳوٺ، مٺي، چماڻ ۽ خاڪ شفا ڪري،
تنهنجي گهر- گهٽي، سانڍيو مونکي سنڌ لئي.

●

(1) جنم ڳوٺ، ٻلڪ ڏن پيڙهين ڪان ڳوٺ، ٻلڪ منهنجي عمر جيٺهه سال ڳوٺ غلام چانڊيو، دادوءَ ۾ گذريا-
هي بيت جيتري تائين لکندو رهيس (ا-ب).

www.sindhsalamat.com

وڻ وڻ سان واٽيون، ڳوڙهيون ڳالهيون ڳوٺ جون،
جوين يوڳيون جي اُتي سڀ سمجهو مون ماٽيون،
اهي ڪهاڻيون، هاڻي خواب شباب جا.

●

تَتي ڏُڀ اڳڻ تي، تَڏي نِم جي ڇانوَ،
پون پور لڇيو پوان، پُسِيو پوي هانءُ،
اڳيان ڪيڏان آنءُ، ابو، امڙ چِلم تي.

●

(1) پِيرل، رَسُولو، ٻئي پڙهڻ پيا وڃن،
نِمُن ۾ جُهولو، آءُ اڪيلو ڪيئن لڏان!

●

نئون وڳو، شوق نئون، هڪيس پوءِ ٻه هليس،
بابا سان ٻجڪي ڪٽي، پڙهڻ لئه پهتس،
(2) احمد شاهه ٻٽيس، اُتي پُنّهل شاهه مان.

●

(1) پيرل: پيرل شاهه (پڦات)
سولو: رسول بخش (پڦات)
(2) پهرين ڏينهن اسڪول ۾ نالي داخل ڪرائڻ وقت بابا سائين پتاشا ورهائي منهنجو نالو پنهل شاهه بدران احمد شاهه لکرايو. (1996ع)

www.sindhsalamat.com

مُنهَن، لَتا، ميرا، اُجريون دليون، دوستيون،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، گهٽين ۾ ڦيرا،
سانجهي، سويرا، ملڻ لئہ ماندا لڳون.

●

پَتا، چوپڙ، ونجهوٽيون، ملهون، آکاڙا،
نہ ڪي اڳ اغوا هئا، نہ ڪي ڌر – ڌاڙا،
ڏِنم ڌهاڙا، الاڙي، ڪهڙا تہ ها!

●

www.sindhsalamat.com

## ڳوٺ جون يادون

بيٺيون آهن بَند تي، ٿُرڙ ٻه ٽي ٽالهيون،
ڳاهن سان ڳالهيون، ڳائن ٽيون هِن ڳوٺ جون.

●

"ٽِيٺُو وِيٺُو وِٿُ"، ٽِٽيهر چوٽو پِٽين؟
منهنجو تون ٻه ٽه مِٽُ، ٻيلي ٻاڪارين پيو!

●

مون جي پوکيا وڻ، اڱوارڙي، اوطاق ۾،
ڪيڏا تن جي تات ۾، ولوڙيم واهڻ!
جيڏا، جڏهن جوان ٿيا، مال ڪيائون مڻ،
ڳٽيم ڪابہ نہ ڳڻ، ويڙيم، ڪاڏم وات ۾.

●

چوماسي جا مِينهن، اتا، اُپريون چڪيون،
هنيم ننڍڙي هٿ سان، سهٽا چار سرينهن،
ساوڪ ۾ سُرهاڻ سان، ننڍي لاڪون نينهن،
ڏکيا آيم ڏينهن، وڪٽي ڪاڏم وات ۾.

●

www.sindhsalamat.com

(1) ٺُڪرا ٺڪرا ٽاريون، ڇيهون ڇيهون ڇانءِ،
ناٺا... انتمنجي نانءِ، ڪنڌ ڪيس آ قتال ٿيا!

⁂

ٺِمُن جون ڇانئون وڍيون، سِرنهن جي سُرهاڻ،
ڊاٺي پاٺي ڇاڻ، سُرهڻ، سونهن ڳيا ڳيا.

●

سُهٽيون ٻَرڙيون ڇيلڙيون، دل چوي ڏاريون،
پاٺي پياري پيارسيڻ، ڇاهه ڪري چاريون،
ٻولن ٻيڪڻ ها ٽينگ ڏين، وڻن ويچاريون،
پئسي لئي هياريون، ڪوني ڪاسائيءَ ڏيون.

●

ٽاڪيدان ٽاٽيون، ڳابا ڳابيون شوق سان،
ڏينهان ڏسڻ، ڦاٿسڻ، رکوالا راتيون،
ڳچيءَ ڳراتيون وجهي، ڇهون پيا ڇاتيون،
پئسي ڪارڻ پيار جون، پلجون سب ٻاتيون،
ڪوٺائي ڪاٽيون، هٿن سان هڪليو ڏيون.

●

(1) ٽاريون: ٽالهيون.

www.sindhsalamat.com

چُوڄ – پريون واچون، تڏا، مِنا ڏينهنڙا،
ٻاڙھيون ٻيريون ڳوٺ ۾، ڪٽڪن جا آيُون،
ڳايُن جون ڳائن تليون، ڏاندن جون ٽاڏون،
جيپُن جا ڦيٽا ڦِرن، گھوڙن جون ٽاپون،
جود ڪري جاڳون، وٺون، واڳون وقت جون!

●

لٽا سنڌي ٻير ۽، پڪا صوفي پير،
ميندي – رَتا مند جا، پَٽن تي پيا پير،
ھوا تي ھسوار تي، سرھاٽيون ڪن سير،
موجون مچن ماڳ ۾، خوشيون وندن خير،
ثاني منھنجي سنڌ جو، ڪٿي آھي ڪير،
اتو مرد متير، گھٽيون، گھير سڏين ٿا.

●

چٽن جا ڦوٽا لٽا، مترن جون ڦريون،
فضائن ڪولي چڏيون، فردوسي دريون،
پوکن ۾ پوچو ٻُکون، پيڙن ۾ پريون؟
لٽا ليرون لير چو، سِر تي بارَ پريون؟
اتو ڪَمُ ڪريون، ٻنين، ونين واسطي!

●

www.sindhsalamat.com

پوکن تي پيها پيا، گُهوڪن ڪانياٺيون،
جوين چڙهيون، ٻاجهريون، جواريون ساماٺيون،
کيتن ۾ آيُون، ڳنا، ڪِلِڻ جون ڪاٺيون،
ٻچن ٻينون، ٻينسريون، ڪَجَنِ آڪاٺيون،
تاريخ ۾ تهذيب جون، سوين سمجهاٺيون،
سنڌي، سنڌياٺيون، سيئي سونهن سِنڌ سان.

●

سارين جون ٻاريون، سياري جون راتيون ڊگهيون،
ڳگن ۾ گونجڻ لڳيون، ڪافيون ڪوهياريون،
تانداٽا تمڪن پيا، ٻيڙيون ڪن ٻاريون،
ڏاڍا، ڏٻرن کي وچن، ڏينهن - ڏٺي ڏاريون،
اڇو اوجاريون، مِڙي پنهنجي ماڳ کي!

●

مچن تي ميڙا، سيارو سرديون سنڌ جون،
چرچا، ٽوڪون، ٽهڪڙا، تاندن تي ٽيڙا،
جهونا قصّا عشق جا، ديوَن سان جهيڙا،
پاٿر، ٽيو پيڙا، جابر کي جهوري وجهون!

●

www.sindhsalamat.com

ڪيڏو شوق – شڪار، ڪچو، ٻيلو، ڪيٽيون!
پنجوڙون، سوٽا، ڏڦا، طنّابون ٻـہ تيار،
هوڪارون، ٻوڙون، ٻڪون، گاريون، پوندا ڪار،
ڪُتن جا ڇهڪار ۽ خفتين جا ڪُڏڪار،
ڀهڪن ٻڍا، ٻار، ماري مرون ماڳ جا.

●

ٽي. ويءَ تي ٽولا، گهر گهر، هرجا هوٽلون،
ڊراما، نغما، نيوز، رَس، رانديون، ٻمر – گولا،
ڳيرو ڪي ڳولا، وتن وٺي سي آر جا.

●

ڌرتي وڏي ڌوڏ ۾، آڪاس آهه اداس،
ٻاهر ٻارڻ جنگ جا، اندر ڏنڏا ماس،
هيبتناڪ هراس، جاڳو، لوڪ، تڙي ڪيون!

●

(1) جيڪي پُونم ڪان ٻُڌم، جيڪي ٻُمَبر ڪان،
جيڪي انبر ڪان ڪنيم، جيڪي ساگر تان،
سوٽو دلبر مان، سنڌوءَ ڪي سونپيو وڃا.

●

(1) ٻُمبر: ٿوهر جو گل.

www.sindhsalamat.com

هوائن ۾ باغ – بُو، راهن ۾ رابيلَ،
پهاڙن ۾ سوڪڙيون، ميدانن ۾ تيل،
ٽي. ويون، ريڊيا، محفلون، خوشيون، موجون، ڪيل،
دهشتي ڏاڙيل، ڳُهتيو پون ۽ لُٽيو وڃن.

•

ماکي، مکڻ، کير جون، وطن ۾ نهرون،
حورون، پريون، موملون، شهرون ۽ ڏهرون،
دوزخ جون لهرون، روڪيو، جوء جليو وڃي!

•

پنئرن جا پُٽڪا، سنهڙي سُرپُر هير جي،
ماکي – مک جا ماڪ تي، چاهت سان چُسڪا،
اندر جا اُبڪا، سُٽي سوچ سنوپري.

•

ڦهر ڪن ڪڙيات، ڏڏڙ اٿي ڏوڏ جي،
گهتين ۾ گهوگهٽ وڏا، وٽن ۾ واڇات،
اُٺو، سچو راڄ تي، گولين جا گهوگهات،
گهنگهريا گهرگهات، ويڏن يا آزادگي؟

•

## سيارو

سيارو، سِيرون سِيءُ، تِڙڪو طلبي تَنُ،
ماندو منھنجو مَن، سھٽا تنھنجي سنگ لئي.

•

سيارو، پارو، جُھڙ، سنھڙا سِياندا ساھہ ۾،
جھڙو ڳاڙھو ڳُڙ، تھڙيون تنھنجون ڳالھڙيون.

•

سيارو، سِيءُ وسي پيو، آڌي رات عَذابُ،
محنت ڪش جو عيشڙو، تنھنجو شوق، شبابُ،
شيشو، نوش، شرابُ، ناٽي جون مايا – خوشيون.

•

سيارو، سِيءُ وسي پيو، بُتَ سُڪڻ جو پَئو،
سينا، سيڻ سان مِلن، تند تپائن تئو،
ماڻھن جي ھَئومَئو نري، ماڻيون محبت مئو،
بيشڪ باھيون سِئو، آھن عشق عجيب ۾.

•

سيارو، سيءُ وسي پيو، جيءَ چيو جيڪر!
پاسي ۾ پنھنجو پرين، ھوند ھجي ھيڪر!
ھاڻ ۽ ڪري ھيٺ، گيتن کي گرمي ڏيان.

•

گيتن کي گرمي ڏيانءِ، رڳ رڳ ٻاري راڳ،
اھڙي تکي آڳ، سرديءَ کي ساڙي رکي!

●

گيتن کي گرمي ڏيان، چڳ چڳ ٻاري چاھ،
ڏوراپــن ڏنــيــي وڏو، اوڙاپــا آڙاھ،
آرھڙ جھڙي آھ، سياري کي ساڙي رکي!

●

گيتن کي گرمي ڏيان، تيز تپائي تند،
سردين سَنڌ سَتي وڌا، ڏکٽي، ٽڙڪن، ڏند،
ٻاري رھون رَند، پانڌي، پنڌ پگھارجي!

●

گيتن کي گرمي ڏيان، ٻٽجن آھُون ٻاھ،
ڪوسا ڪوسا ساھ، سرديءَ کي ساڙي وجھن!

●

گيتن کي گرمي ڏيان، ڏانھن ڪريون ڏونھون،
سوجِھرو سونھون، ساري ڪٽجي سات سان.

●

پاڇو ۽ ٽڙڪو، سامھون، ساڻ ڪنيون وتان،
پومي جيڏو پروسو، اُپَ جيڏو اُڏڪو،
ھـوا ۾ ڦھڪو، صدا ۾ سـوپـون وچـن.

●

www.sindhsalamat.com

ڳنڍ ٻڌي ڳوڙها، ٽانگر ڄان ٽڙندو وتان،
ڇڙي پوندا ڇيهہ ٿي، ڦسن جيئن ڦوڙا،
ڪنت وجهي ڪوڙا، مٿا ڳايان ماڳ لئي.

●

بيت، بسنتي – باڪ، معني، سوني روشني،
سهڻائپ جي ساڪ، سِٽون، رِاسون سڄ جون.

●

(1) ٻهڪن ٻاٻيها تہ ڇا، هوڪارن ڇا هنج؟
(2) پالين ها "بابا وڏا"، پاپي چنبا پنج،
(3) پنج ٿين ها ڳنج، چرغا، چرغن سامهون.

●

هوندا ها جي هَنج سي، ڏوَر بنايا باز،
شعلن ڪي شاباس ڄن، ڀهرايا پرواز،
چِيريندڙ چُهبن، چنبن، نَنهن مٿان ناز،
(4) ڪانئر نيرڳ، قاز، ڪاتيءَ ڪنڌ ڏيو وتن.

●

ڦوڪئي آڳ، اُلا ٽٽي، چٽنگون، مَچ جهجهڙ،
(5) ابابيل، عقاب ٿيا، جِهرڪيون، جِهرڪ، جَهچڙ،
ٻجلي، سيڪ، رَڳڙ، ساٽا انگ سگها ڪري.

●

(1) ٻاٻيهو پکي. (2) بابا وڏا (پيتائي سائين).
(3) چرغا: باز، باز جو هڪ قسم. (4) نيرڳ ۽ قاز: ٻانڊي پکي.
(5) ابابيل: ننڍڙا پکي. جهچڙ: باز جو هڪ قسم

www.sindhsalamat.com

ڪان ڪان کن تا ڪانءَ، پرهه ڦٽي پريات جو،
ٻُکيا، ڏُکيا يا ڊِنا يا ناهن تيا تڙتانءَ،
يا هڙئي کولي هانءَ، پرهه جو پرنام ڪن.

●

ڪان ڪان ڪيو ڪانءُ، باز بچائي پونءِ تي،
سورمي سالار جو، هڙو ڊچٽو هانءُ!
تڙڪي جنهن جو ٿانءُ، ساڻي پنهنجو ناهه سو.

●

پرماري تيا پيل، انڌاري هر دَور ۾، (1)
ڪُڪرن سان ڪڙڪي پَون، اڻ ڳڻ ابابيل،
عدل آڌو اِيلَ، ڪرٽي پوندي قهر ڪي.

●

نِيري – ڪاري رنگ، اڪيا، آڪيرا گهٽا،
جُهون جُهون چِيخن جهرڪيون، ڪانگيرا ڪن ڪانگ،
ڏيڊيءَ ڏيڊيءَ ڏانگ، پنيان پَرڙ – بلاءَ جي.

●

(1) پيل: فيل هاٿي.

www.sindhsalamat.com

(1) ڪرڪس ديوَ خزان جا، تارين ۾ ٿڪن،
ساوڻ مان سُڪڙي تيا، پيلا، ڪارا پَن،
وچوڙي جي واچ تي، پاڙان تا پٽجن،
پيرن هيٺان پيڙجي، ڪيڏي ڪڙڪڙ ڪن،
”جيئڻ تورا ڏينهڙا“ پُرندي تا پٽڪن،
ويندي وقت چون، ياڻ ٻٽايو پُونءِ جو!

●

(2) مولم ۾ ماتام، ”وُووو“ واهوُندن ڪيو،
ڦِٽو ڪُهتي واءَ کان وڻ وڻ جو وسرام،
(3) ڪامَهہ ۾ ڪُهرام، موسم ۾ پِٽڪو پيو.

●

(4) چُريو چاليهو، سيني - ساڙ لُکون لڳيون،
ٽاٽو ٽامون تي ويو، سَٽڪ اُٽو سيهو،
ٻُٽ نہ تي بيهو، بادل ٽنيِ برسي پٽو!

●

هُاري پوکي هوش سان، ڪيڏي ڪوڏ ڪٽڪ،
داٽا ڪوڙ ڏٽڪ، موسم، مِينهُن، هوا ڪيا.

●

(1) خرخسوديو: لوڪ قصي جو ڪردار.
(2) مولم: اوير جي هوا. (3) واهوندا: بهار جي هوا.
(4) ڪامهہ: اوير يا اولهہ کان لڳندڙ هوا جو طوفان.
(5) چاليهو: اونهاري جا چاليهہ ڏينهن، گرم جهولي گهلڻ وارا.

www.sindhsalamat.com

مالهي پالي پيار سان، چڪيون چوڏاري،
سيني کي ساڳي مِلي، سهولت ساري،
ٻارِي ڦولهارِي، ڪا ڪا ٿبارِ ڪُرومُرو.

●

ٻَڪِي ٻيپاڙي، پاڙون، پَن ڪبا ٻہ ٽيا؟
ٻاري، ٻيجي، ريج ري، وَڏايان واڙي،
”ڇئور نہ ھڻ ڇاڙي“، پئي تون پلجين پاڙ تي!

●

ڊَبيّ ڪَڏي ۾ ٻَلّ، پَسج کي تہ پهاڙ تي،
ڪنهن ڪنهن جهنگلي گاھہ ۾، ڪيڏا عزم اجهل،
ٻُوڙا تنهنجا ٻَلّ، جَبل تا جهيريو وجهن!

●

ڪارين ڪُنڊن ۾ لِڪا، ڪُڏا ڪوريئڙا،
تِڙِڪ تِڙِڪ جي تار تي، ناچُو نوريئڙا،
ٻاريا ڪاري ٻات ۾، تانڊاڻن ڏيئڙا،
جوت پريا جيئڙا، تنهنجي تات اتامري!

●

ڪينجهر مٿان ڦاز، تڪيا پڙڪا باز جا،
پِيِّر ۽ پولار تيئن، پَرن جا پرواز،
ادب جا آواز، ساڳئي ليکي، ساھتي!

●

www.sindhsalamat.com

وينو ڪانگ تڪي، تِڪي اُتّ عقاب جي،
نِيلي ڇِت ڏي هو اُڏي، پِٽ تي هيءُ ٻڪي،
هُن ڪي تِڪَ ڏَڪي، هِن ڪي تِڪَ ڏَڪي وجهي.

●

جهوريون جُهورَ وجود تي، جيئن ميرو - مُنهن، مکيون،
سوچون سامهون سُورَ جي، جيئن سامهون سِج، اکيون،
رِتون مون ۾ رکيون، وَتون سانڍي ڳنڍ ۾.

●

موتيو موتيو مَڪَ، اُڏاميو هرهر اچين!
هتن سان توکي تڙي، ڪِني تي پيس ڪَڪ،
ڇِپي منهنجي اک، ڏِجي توکي ڏوھ ڇا.

●

سُڄائيءَ ۾ سُور، جيئن اُهميءَ منجھ مڇر،
پنڊا، تو ۾ پيڙ جيئن، ڇُوڙن منجھ ڇَپر،
وسن مِينهن پَٿر، سَهن کيت سرنهن جا.

●

پِپر جا پَن ڊال پر، ٻيڊ جا پيالا،
چاٻيون، ناڙي - مُڪڙيون، سَت - ڳُلا تالا،
وَلين ۾ والا، ٻينسر، ٻولا، جهومڪا.

●

www.sindhsalamat.com

اُپ کان اَچي پونءَ کي، ياڪر پاٿي اُسَ،
ٻاڙي ۾ ڪهڙي نهي، تنهنجي مون سان رُسَ،
بخاريءَ جي ٻُسَ، جيئري يار ڪري وئين!

●

پکين سان اوريان، باهه، بخاري هانءَ جي،
چهنبون چورن هو نہ مان، سُورن کي سوريان؟
ڏُکين سان ڏوريان، ماٺهو جيڪي ماڳ جا.

●

اچي هيٺ پکي، سچي ڪر اُستاد سان!
هوندي تو بہ ڪچي پکي، ڪنهن سان پِرت رکي!
چَپن جهڙي چهنب سان، ڇا تو چَسَّ چکي؟
ڪٿي ساک، سَکي، توکان منهن نہ مَٽي نہ وئي!

●

هوا سان احوال، اوريان وينو رات کان،
بخاري پَڙڪيو پوان، هو تنبيو ڪري تال،
لڇيو شوڪارا پريان، هو چوچي ڏئي چال،
پارڻ، پائيتال، ٻهلئي جا ٻهليو ٻُڌي.

●

www.sindhsalamat.com

راڄن گُهريا راڳ، بخاري راڳي ڏسي،
اندر ۾ ڪورو ٻري، اوڳاڇيان ته ٻه آڳ،
دل ۾ رکيو داڳ، اوتيندو جڳتون وتان.

●

(1) ٻِندبو توکو ڪٽڪ جو، پَلڪ جَند جا پُڙَ،
دم دم گهِڪا ڪرت جا، اُڌمَ، ٿُلها ٿُڙ،
آلاڳ، ايڏي چِڙ، ساجن ڪاڻ سهان پيو!

●

(1) توکو: اتر سنڌ (سِري گهوٽڪي) طرف ان جو ماڻ، ٿلهي ليکي ٻوري.

www.sindhsalamat.com

## ملھن ڀنيون ميل جون

(1) مَلھن ڀنيون ميل جون، سالو سال ڀليون،
(2) ڪيتن ساڻ ڪِلي ڪرن، رُتون رنگ رَليون،
(3) ڳائن ڳوٺ ڳليون، مَھمائون ھِن ماڳ جون.

●

مِنيون ڀنيون ميل جون، سالو سال سَدر،
وَٽون ڪِٽ وڪوڙيون، ڪاري زھر ڪلر،
اٿئون عزم اٿر، صاف ڪنداسين سيم کي.

●

گندو پاڻي گڏ تيو، ڍنڍيون، ڍورا، گپ،
سيڪ، ڏُبا ۽ ڏپ، مڇر، تپ مليريا.

●

پورھيت مايون ميل جون، ولوڙن واھڻ،
رونبي، لاباري ڪري، تورا ڍرا ٺَڻ،
ماھا ڪِير، مکڻ، منھن ۾ پوڀ مٽيا گھٽي.

●

(1) ميل: ساريال. (دادوءَ جو ميھڙ تعلقو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو وڏو حصو).
(2) ڪَرِن: ڪَنِ: اھو اِستعمال ٻه اُتر سنڌ ڏي آھي.
(3) مھمائون: ساراھُونَ، وڏايون.

www.sindhsalamat.com

ڀاتيءَ ساڻ رَليون ويون، ڀاتيءَ ساڻ وريون،
سِرَ تي ڀريون گاهه جون، ڏاڍيون سي ٻه ڳريون،
ڀُوريون، حُورَ پريون، اُوڏيون اُسَ ڪري وڏيون.

●

باغن ۾ زيتون ۾ ڪَڏُن ۾ ڪُرڙا،
واڻون، واهڻ واسيا سگهڙاسي سُرها،
مِٽيءَ ڪي مُڙرا، جَنهن ڍوليا ڍارائي چڙيا.

●

(1) خيرپورائي ڪوهه، ڀِرمايا ماڻهو گهڻا،
اچا سوڍو سنڌ ۾، قند قلهاريا قوهه،
جاڏي وڃهون جوهه، ڏِسون ڏيرا وهم جا.

●

ڏوٿيم ڏيان هزار، اٺيس اوٺڙ تي تکو،
وهمن واهيرا پٽيم، ڀُڳم ڀِرمن ڏار،
ٻئي تي سوچ سچار، پَٽي ڀاڙ انڌير جي.

●

ڪاچا، تنهنجا پَٽَ، سچا چانڊي، سون جا،
ڀٿر، هيرا قيمتي، هنڌ هنڌ جن جا هٽ،
رڳو ڳچيءَ ڳت، لاهه ته ڪاچا، لال ٿين!

●

(1) ڳوٺ ڪولاب جيئل، ضلع خيرپور ميرس ۾ هڪ عام ڪوهه جي پاڻيءَ لاءِ اهو هل هليو ته: ڪوهه جو پاڻي هر مرض جو هڪ تڪ علاج آهي.

www.sindhsalamat.com

(1) ھر گھر منجھہ حساب آ، ھَڏ ھڏ آھہ جَڏو،
(2) جھيڙو وِيڙھہ جتي ڪتي ڪونہ ھوڏ، ڪَڏو،
ڏاڙيلن جو ڏر متان، ڏچو آھي وڏو،
چڏيو تر، تڏو، ھرڪو شھر لڏيو اچي.

•

سُرندا، دوتارا، جھولن ڪنڌ سروز تي،
اچن الاتوھار تي، وھمي ويچارا،
جيئي اڳاجي شاھہ چئي، گونجارن نعرا،
منجھن موچارا، سوچڻ ۽ سُڏرن پيا.

•

سھڻو گج، گُھگھو، سونھين سُوڏي قد تي،
جيڏو ٺاھوڪو جٺو، ايڏو سَت سگھو،
باقي سڀ اگھو، سُچائِي، سنسي ڪري.

•

آيا ٺرڪون، ڪيڪڙا، اگي اُٺ، ڳلا،
وَٽن ڪُٽن واڻ پيا، گھٽيون، گھر، ٺلھا،
مڙن مِنې ڪوھہ تي، ڊيلون، مور ٺلا،
اھي ڳوٺ آلا، ڪڏھن موج، مزا ڪندا!

•

(1) حساب: جن پوٽ جي لڳت، جلو: جن يا پوٽ.
(2) ڪَڏو: غيرت، غرور.

www.sindhsalamat.com

ڪاچي جا پِيلهون مِنا، ماٺهو پڻ منڙا،
ڳائڻ چورا، چوريون، مورا ۽ چلڙا،
قرب لِڪان ڪهڙا، ڪاڇو عشق ئي عشق آ.

●

جوهي ۽ جدو، لوچڻ، لوڙ ڳنڍي وڏو،
غريبت، غني ڪيو، پورهيت اُت پهتو،
بنگلو هوٽل، پمپ ڪنهن، چئونڪ سچو ورتو،
پرديسي پيسو، بر ۾ باغ ڪريو چڏي.

●

(1) ڳاچ تہ آهي ڳاچ، صدقي توتان سول مان،
ڪاچي ۾ ڪهسار جا، ڪڪرن سانِ تين ڪاچ،
وَسن، رچن راچ، وَهن، خوشيون وهڪرا.

●

(2) هي آ گورک هِل، هاٽي هِن سان مِل، اُتي،
گدرو ڪِري ڪات تي، تہ بہ گدري لئہ مشڪل،
يا ٿاريندو دل، يا هٽندو ڪِلّ ڪپار ۾.

●

(1) ڳاچ نٿن مان قتل سول نٿن.
(2) گورک هِل لاءِ هڪ اُهو بہ انديشو آهي تہ اتي پرماري آفيسون بنگلا هٽي، قبضو ڪري نہ وٺن.

www.sindhsalamat.com

ڪاچو، سرڳ سِگھو، ٻنبو لاڙ، ٻڍين جان،
پاٽي، بجلي جابجا، هرڪو روڊ پڪو،
اڳيان اوج اِجھو، رڳو سنڌ سجاڳ ٿئي!

●

ڪيٽيون ۽ ٻيلا، ڪچّا، تنهنجي ڪڇّ ۾،
ڪٿي بجلي رِتا تي، ڪمند ۽ ڪيلا،
پرماري ڏاها گھٽا، هاري ڳھيلا،
هاٿي ياڳيلا، لُٽي ڳوٺ لِڪا هِني.

●

ٻُوريون، ڪاريون، ڏٽَ، چَرن ڳور ڪچي ۾،
ڪوڪو ياڳيو سَيّرو، باقي لوڪ لنگھڻ،
ماڪيون، ڪِير، مکڻ، ڪپن ڪوڙ بزار ۾.

●

مينهون، دونهان، ياڻ، ڪُنڊيون، وِيءَ ٻئي ڪنڊيون،
(1) چنگ، ڪھاڙي، مَنگھٽو، سيٺه سپ ڪنهن ساڻ،
ڊنڊيون، ڊور، نياڻ، مهانڊا هن ماڳ جا.

●

(1) منگھٽو: ماکيءَ لاهڻ لاءِ لوٽو يا ڪينگر جنهن ۾ دونهون ڪٽي وڃجي.

www.sindhsalamat.com

موسيقي ماحول جي، ٻيڪون، ڪُڙڪ، تنوار،
ٽُڻ ٽِڻ ماڪيءَ مکيون، ٽِڻ ٽِڻ ٽِلِيءَ لار،
روئن نندڙا ٻار، ڏيئن لوليون مائرون.

•

هنتان جي هٻڪار، ٻري ڪان ٻڌري گهٽي،
عطر چٻيت چٽي چڏي، مشڪ وندي ونڪار،
ڪَتي جي خوشبو ڪري ڪَڙهه تي ڪيڪار،
مِهرين ۾ مهڪار، ميندي، ٻگهر، تيل جي.

•

www.sindhsalamat.com

## پيٿائي بابا!

اڳياڙي آڳر، وَرتئہ سونهن سعيد جي،
پڇاڙي پاڪر، وِڌءِ ساري سنڌ کي.

●

(1) بابا پيٿائي، توکان رات ڪَتيءَ پڇيو:
چوڏس چٿائي، دل ۾ داغ رکيو وتين!

●

(2) ڏينهن تيا "ڏاڏا"، ڪاجا مِهر ڪئي،
پوءِ تو پَٽ پلٽي پريا، پيٿائي بابا!
داديون ۽ دادا، تحفا دَوَر ڦٽين ڏنا!

●

جيڏو توکي ڏانءُ، ڏات بہ ايڏي او ڪوي!
آڏو تنهنجي آنءُ، سورج سامهون ڏيئڙو.

●

جِتي تنهنجا پيرُ، اُتي سِر سين جا،
اوڏهن اير نہ پير، جيڏهن سير ڪرين تون!

●

(1) ڪتي: ثريا، پروين.
(2) ڏاڏا ڪريم: شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو، شاهہ لطيف جو ڏاڏو.

www.sindhsalamat.com

واچوڙن جي واڳ، طوفانن تي سوار تون،
پاندي ڊکون تو پنيان، ڇُهون رڳو ڊاڳ!
مٿي تنهنجا ماڳ، جتي جوت پيغمبري.

•

تنهنجو فن پارس، لوهَي کي سونو ڪري،
مڙئي تنهنجو معجزو، ڪس بہ ناهي ڪس،
اِهو تنهنجو وَس، ذرڙ مان ذائيون ڪرين!

•

يا تون ماهر جوهري، يا تون ڪيمياگر!
يا تون جادوگر وڏو، يا تون پيغمبر!
سخن جو پرور، آهين پاڻ لطيف تون.

•

www.sindhsalamat.com

## ڪي ڪي اسمون سنڌ جون

پَٽن ٿوهر هٽ ۾، اوڪارن پيا آڪَ،
ڦڪن مٿان ڦڪ، ڏَٿُورن ڏوڙ دوا ڏني.

•

سَنسا، سُورَ سَوڻ، ڪي ڪي رسمون سِنڌ جون،
ڪِڪَن ڪي جيجيون وجهن، چوڙيون، ڪنٺ، ڪنگڻ،
مچي ڳاڙها مڙس ٿين، مچن ڪوڙ ممڻ،
ڪارا لوهه - ڪنگڻ، لوڏِن ڪارڻ لوءِ جي.

•

پائن پهرين سَٽ، سنسا ماٺهو سنڌ جا،
ڏاڳا، ٿاٿت ڏوڏجا، ڳانا ڳَنچيءَ ڳت،
جاپڻ لاڪون جَٻت، ڳاتا، ڳتن هيروان.

•

باروتڻ بنڌڻ، بَڌن سنڌي مائرون،
لوڏن للهنگ هتڪڙيون، ٻاگهيون لوهه - ڪنگڻ،
سورهيه جي سَنڌڻ، ساماڻي، سنگهرون ڏنيون.

•

www.sindhsalamat.com

## ڪلفٽن ھاڪس بي

ڪلفٽن ڪنٺار، ھِيرون، وِيرون، روشنيون،
ٻُجي ڪِڪي بانس ۾، ھيڏي ھي ھبڪارَ،
مِجراڻِج ماٺار، چِولين جان چيچڪي مِٺا!

•

چوڏهين – چانڊاڻ، سنڌو ساگر، ھاڪس بي،
سُنگهن منھنجا ساھ ٺا، صدين جي سرھاڻ،
سُٺي چِنڊ او سمنڊ جي چاتيءَ جي چِڪٺاڻ،
چا ڪا توکي چاڻ، منھنجي مَن – ماندڻ جي!

•

سانجهہ، ھوا – ھاسو، ھِھڙو سِھڻو ھاڪس بي،
پرين، منھنجي پيار جو، پل نہ چِنڊ پاسو،
سپنو وارياسو، اوٺر ٺي اڏريو وڃي.

•

ساگر ٺو ٺڙپي پيو، ٺارا ٺا ٺٺبن،
ماٺهو ڪي مونجهار ۾، ماٺهو ڪي مھڪن،
سُڏڪن ۽ ٺھڪن، موسيقي گڏجي ڪئي.

•

www.sindhsalamat.com

ماڇي، زرداري، پاٿر پُونءِ – ڄڃَيا ٻٽيا،
نڪا ٻولي اوپري، نڪا ڌَر، ڌاري،
ڪيڏي ذاتي هوڏ آ، آندي آنڌاري!
شيطاني شعلي اها، اولانبي پاري،
سيئي ساٿاري، سيئي ماري تي مٿا.

●

ماڇي، زرداري، سيئي پاتي پُونءِ جا،
ٻُک، بيروزگاري، عضوا اتڪايو وجهي.

●

(1) ماڇي، زرداري، موري ڏي مچري وڙهيا،
ڪُهني ڪوڙهِي هُوڙهہ جي ٻچڙي بيماري،
”مان – مان“ جي مارِي، ڪونڌر ڪهرائي وڌا.

●

(2) پومي ڄاپا پَند، سنڌوءَ تاتيا سهج سان،
ڪِتان وير، ڪروڌ جي، وني ڪي ڪي وَند،
ذاتي ”پاند – پلاند“ جا، جهويو وتن جَند،
مَتن اهڙا مَند، آپي جي ماندي پڙهيا.

●

---

(1) موري تعلقي ۾ ماڇين ۽ زردارين جي رتوڇاڻ (آخر خير ڪرايو ويو).
(2) پند ذاتِ، تعلقي/ضلعي دادو ۾ ڪن پنلبن جا هڪ ٻئي کان انتقامي بدلا وٺندي وٺندي ڪيئي قتل ٿيا.

www.sindhsalamat.com

ڇڙٻي ڪڏي ڇَنڊ، ڏرتي ماءُ، ”گهُمنڊ“ ڪيٰ،
موٽِي مَڱِيءَ جا پريا، اٿئي ڪيڏا ڏنڊ!
عقل ڏار آهنڊَ، مار نہ ياء، مرون نہ ٿي!

•

سوچو سما، ساند، مِڙي سڄي سنڌ سان!
ايڏا آنڌ، انڌير ٿيا، جن جا آند نہ پاند،
ڏوڙِي ٿيا ڏاند، ڏاڍن پاڇاريون وڏيون.

•

www.sindhsalamat.com

### * لاکو تو لوڙيون ڪري

اوري چانڊيا آءُ! ڳرهيان توسان ڳالهڙي،
ٻانيان تو ويڏن وٽان، گهرو ڪاڏءِ گهاءُ،
ٻُڏان تو توکي ٽِڪو، آهي ٽَنتو - تاءُ،
ٻگهڙ، ٻَبرشير پر، رهزن راتين - راءُ،
آنجهي مانجهي ڏاڙ جو ديهن منجهه ڏڪاءُ،
تاتيو توکي تجّ ڏئي، مِني ڏرتي ماءُ،
سيّد، پهنور، سولنگي، سيئي سنڌي ٻاءُ،
وڙهڻ، وڙهڻ سان هجي، پرچڻ سان پرچاءُ،
ٿهي، ڪر ٿهراءُ، ويري، وِير اجا ٻيا.

●

پرماريءَ جا پير، ترجي پيٽ، پريت تي،
توڙي ڪوٽ قهر جا، اڪيلو تو ڪير!
قومون، وٺن وير، قومون، خير ڪري سگهن.

●

* ڏاڙيل پرو چانڊيي جو ترجي سولنگين ۽ سيدن سان جهيڙو.

www.sindhsalamat.com

سچيتو تي سَچ، ياتي سچي پون ۽ جا!
پاپي هاتي تي اچي، پيپ انهيءَ جو پيچ!
ماٺيپي ڪي مَچ، مچري، مار نه ماٺيپو!

●

ڪاهِل قوم فقيرٽي، ڪانئر قوم غلام،
ڏين عيش انعام، طعنا، طوق، هلاڪتون.

●

ڪيئن تي ڪوئين قوم؟ بس ڪي ڪُڙم ڪنا ڪري،
سما، ميمڻ، سومرا، ڏِسج ڏيان ڏري!
پورا، ڏول پري، سمجهين سنڌو ساڻ مون!

●

قبيلو يا ذات، چو تو سمجهين قوم تي؟
جمالي، جتوئي چڏج، پيلي اهڙي بات!
بوند ڪٽي برسات، پيند ڪٽي چئين پون ۽ تو!

●

شيخ، سيّد، سهتا، سوچج قوم سجيءَ جو!
گڏي گلدستا، پُل نه، باغ بٽي ويو!

●

## لاڙ

[ٺٽو، گهارو، ڪيٽي بندر، جهرڪ، ساڪرو، ٻهارا، ٻاڙهو، ٻگهاڻ، جوهي، ڪارو ڇاڻ]

ڪيلا ۽ ٻيلا، ڪيٽي، تنهنجي ڪڇ ۾،
گهرين رستا، روشنيون، انگل اربيلا،
ٻَلا ماڻهو ياوَ جا، ٻينگيا مُنهن ٻيلا،
جي تو وٽ ويلا، گهاريم پانيم نعمتون.

●

(1) اڇي اوچتو، ڦرندو سير ڪندو سوين،
(2) جوهو شاخ ڪريو هلي، ٻوٽان ٻوٽ ٻتو،
(3) ڪوگهر ڦٽو ڦوهه تي، ڪنهنکي ڦيهه، ڦِٽو،
چوڻ ناهه ڇٽو، نٽو نهيو يا ڏِٽو.

●

(4) ٻاڙهو آ ٻاڙهو، ساگر، سنڌو، سيم سين،
(5) نه ڪو ٻَلُ ٻگهانجي نه ڪو زَلُ ڪاڙهو،
موسم مِهر وڏي مگر ڏاڍو سو ڏاڙهو،
(6) هاٿوُ ۽ هاڙهو، هيٺو هيسيو تو وجهي.

●

---

(1) اوچتو: ڦٽل درياهه جو نالو.
(2) جوهو شاخ: ڪوٽيل سرڪاري شاخ.
(3) ڦيهه: وڏي مار.
(4) ٻاڙهو: ٻاڙهو شهر.
(5) زل ڪاڙهو، سخت گهٽ.
(6) هاڙهو: ڏِنگو، وڏو ڏِنگو.

www.sindhsalamat.com

پيلا، پـبر، اُٿَ، ريون، ڏنـڊيون، پَـڻِ،
مارُو، چرچا، مارڪا، ٻينون، چنگ چُرن،
وَسنئن، وِيءَ چپي چپي چپر، جهوپا، چن،
هي جُوءِ پيلي جَـن، پالا تِـن جي پيٽَ ۾!

●

(1) پَٽ نـه ڪو پالهو، جنهن ۾ ٽوڙَ ٽلا نـه ها،
واندن، ماندن، ڏوڌ سان هن پَٽ جو پالو،
گهٽي ياڳي گهرج جو، گهر گهر گهوٽالو،
ٻُڻ ٿي ٻيـتالو، ٻٽيل سـامَ سـماج جو.

●

ڪُنگو ٽارا قرمچي، سَرَ، ڪبڙ سـاوا،
(2) چمر: چڊڙا ڪـارڙا، ميرانجها، ماوا،
اچّا ٻگهه اڏامَ چڻ، ڪـڪـر ۾ ڪـاوا،
ماٺهو اڏ –. ڍاوا، هيٺا، ننگا هينئن چوَ؟

●

ڪامٽيءَ ڪپڙا، طرحين طرحين تن تي:
سَـٽي سوٽين سان لٽا، چوريندي انگڙا،
ننگا نينگـرڙا، تـڙڳـن سنـدن سـامهون.

●

(1) ٽوڙ: ٽوٽي، ڪمر چور.
(2) ماوا: مائو رنگ: هلڪو وانگٺائي.

www.sindhsalamat.com

درياھن جو ديس آ، ڪاري لاڳو لاڻ،
نہ ڪو ٽال ٽنيي هِتي، نہ ڪو ھائِي ھاڻ،
سُڪڻ توڙي ساڻ، گھٽو گھتيل آ هِتي.

●

(1) سوا لهجي جي، سنڌ سڄي سَاڳِي،
ڪڙمي پيو تو جت ڪٽ، ريجي ۽ بيجي،
ٻہر، ٻيرِيون، ڪٻڙيون، هر پاسي ھي جي،
(2) وار وِتي ويجھي، ڪيٽي، ڏِجي، ٻيرڙي.

●

دِلا، پارا، تالِهڙا، چڱا متن چِٽ،
چُنيون، چولا چٺورنگا، سيئي سھٽي سِٽ،
مون وارا ھي مِٽ، ڪيڏا جُت جمال سين!

●

ٻَہُرَ ڦِڪيون، ڦُلڙيون، وَڻَ ويڙهيءَ اچڙيون،
ڳاڙھيون ڳايون، پورڙيون، مينھون ۽ وڇڙيون،
ھي ٻچڙا، ٻچڙيون، چارن ڏڻ، پڙھڻ چِڏيو.

●

---

(1) ٻوليءَ جو مڪاني لاڙيچو لهجو.
(2) ٻيڙي: اتر سنڌ ۾ ميرپور ماٿيلي (ضلع گھوٽڪي) لڳ ڳوٺ.
ڪيٽي: ڪيٽي بندر (ٺٽو).
ڏجي: ڪوٽ ڏجي (خيرپور ميرس).

اجڪلهه تا ايرا، سانگيئڙا سادا لڳن،
سياٽي سيرا، هوندا جي حيلا ڪندا!

●

ڏهين لڳين ڏينهن جو، ڪُڏن تاسَ پتا،
نہ ڪنهن بنيءَ بار تي، ڏرتيءَ ڏوڙ وتا،
نہ ڪنهن فڪر، فنَ جي، گهري رنگ – رتا،
(1) مست و مست مَتا، مڙئي ساڳيا سنڌ ۾.

●

(2) پونگائي پونگا، چپّر ڪان تا چاڻ،
جنهن تي پيل نہ پئو سو، پئن تي ڪهڙو پاڻ؟
واهڙ، وَڻ وتاڻ، ڏکن بيٺا ڏاڍ ڪان.

●

اچين ويسين عينڪين، گلگون گلابي،
سَواريءَ ڪان ساڪرو، بولي پنجابي،
اندر عذابي، باهر موسم مهڪٽي.

●

(1) متا: اصول.
(2) جبل ڪان ڪارو پاڻ تاڻين.

www.sindhsalamat.com

# ڪيٽي طرف

(1) لهرن وچ لِيو، هينئر هو تہ وچن پيا،
ناڪا نال نيو، ڪُوڪان، روڪيو بيڙيون.

●

ڪيٽي بندر طرف ڏي، هڪڙو ڪاٺ ئي ڪاٺ،
۽ بيو، پاڻي، گهم – هوا، تہ ـ طرفو تڪساٺ.

●

جُوهہ هٽي جادو، قابو قيد ڪري ڇڏيو،
نسنگ ننگي تيو نچي، صفا دل ساڏو،
دل منهنجي دادو، مَندِي ڪيٽيءَ موهہ ۾،

●

جهاڙي تي جهارا، جانـي، تنهنجي جوهہ جا،
ترڇا، گهراءِ تانگهڙا، لوڏا لامارا،
اکين جا آرا، سارا تنهنجي سونهن تي.

●

دل – دادوءَ تي پيو، دلبر جو دورو،
توبن آءٌ تباهہ جيئن، ڇَرَ ري بَرُ ڇورو،
من منهنجو مورو، ڳائـي، تنهنجي ڳوٺ جو.

●

(1) ليو: بيڙي پاڻيءَ ۾ هلي تہ پويان جو گيهو يا ليڪو ڇڏي.

www.sindhsalamat.com

(1) هيٺو ٽيو هوڙو، مٿي سو مضبوط ڪر،
سوچو نٿون ناڪئو، پوءِ پيو پوڙو،
سمنڊ سين سوڙو، ڳوڙهو ناتو ڳنڍجي.

●

وانگي وِير چڙهي، وانگي وير وري،
ساگر، ساحل سين، ائين مون سين يار ڪري،
(2) اتي يال يَري، اتيئي الڙي پيو.

●

گهٽائي گهاتُو، پر ماري واري چڏيا،
ڪياٿين ”قرضو“ ڏئي، ڪاغذين قابو،
جر تر تي جادو، سرمايا تون سامري.

●

گهٽوئي گهاتو، ماري، مَڏيءَ موتيا،
ڏِيئن اگهه ڏڏن ڪي، هينيون هتراڏو،
سينيون: مُنهن ساڏو، دِليون پريون ڌوڌ سان.

●

(1) هوڙهو، پوڙهو، ڳوڙهو: ڪيٽي بندر ڏي ڪي ماٺهو هوڙو، پوڙو پيا چون.
(2) الڙي: آلڙ ڪرڻ، وير جو وري پوئتي ورڻ.

www.sindhsalamat.com

هي هيٺا هوڙها، هو لانچو ساگر، لاڏليون،
ڪارا تنهنجي ڪيٽ ڪي لنگهہ نہ ڪي لوڙها،
(1) پوڪن رڇ چرن ۾، ڳوڏا، اڏ – پوڙها،
ڳاڙن ٿا ڳوڙها، سارن سانجهہ اجوررڙو.

•

(2) جڏهن ڪڏهن جُوار، اڪيون يار اڪنديون،
(3) ياڱ نہ پڳي يار، اسين سنيرون عشق ۾.

•

وروهي ٿي وير، آليندي آلُڙ نہ ٿِي!
هِتي سڪ سرير ۾، سائر واري بسير،
تنهنجي منهنجي وچ ۾، ڪاجا ڪِدر پير،
مان جو ماهيگير، مڇي تنهنجي رڇ ۾.

•

(1) رڇ پوڪڻ: رڇ پاڻيءَ ۾ وجهڻ.
(2) جوار: وڏي وير (سمونڊ جي).
(3) ياڱ: ننڍي وير (سمونڊ جي).
پڳي: پانگ ڪي ڪاري (ڪيٽيءَ جا ماڻهو پڳي چون).
يار: پائر: لاڙيچو لهجو. پڻائيءَ ۾ يار قافيو ڪم آندو آهي.

www.sindhsalamat.com

## ننتو ۽ آس پاس

ساريون سايون، ٻگهہ اڇا، رنگارنگ ڪانبا،
مايُنِ، مَينهُن، مال سان اونها اورانيا،
پنهنجا پارانيا، ڪيڙن، پوکن سي ڪٽن.

●

سايون، پيليون ساريون، پاڙن ۾ پاڻي،
پوُرا بادل اُڀّ ۾، هِيرَ گِهمُنِ هاڻي،
ڪِلندي تِلندي ڪيت ۾، ڌرتي ڌڄاڻي،
تِرڪِي، گيچي چُور ٿي، تہ بہ اڳتي تاڻِي،
منڊ ملهي ماڻي، محبت ڌرتي، ڪانڌ جي.

●

ٻارا، اڇا ٻگهہ، جُهومن سايون ساريون،
ٻَني نَٽ نٽي جي، سيني سانڍي سگهہ،
ڏيک تہ آهن ڏگهہ، ڪول تہ اندر ڪوڪلو.

●

ههِڙي لاڙ – هوا، پيارِي، هاڻ ۽ نريو پوي!
ڪاري ڪاڙهي جي اها، هڪ تڪ آهہ دوا،
آجي، سهج سوا، هوا، هاڻ ۽ جهڙيو رکي.

●

www.sindhsalamat.com

## بدين

دبئي چئو تہ بدين، سعودي تي سنڌ پئي،
بيرل بيرل تيل جو، ناٽي جي خرزين،
ڪمزورن لئہ ڪين، دولت، طاقت هٿ ۾.

●

تو جو ڏِنو تيل، لاڪيٽو تيِ لاڙ وٺين،
هميشه پَرُ ڪان سُڪيو، هوندو تنهنجو هيل،
اپالن لئہ ويل، توڙي موجون ملڪ ۾.

●

جڏهن ڪان پٽرول، لڏو آهي لاڙ ۾،
راوي ڪان بولان آ، چرپر ۽ چوپول،
مٽايو ماحول، جاڳايو هِن جُوءِ کي!

●

ڪوليا خزانا، سوني ڏرتي سنڌ جي،
ناٽي ڪارڻ تي پيا دانا، ديوانا،
هَر، قلم، پانا، اتو وتون هٿ ڪريو!

●

www.sindhsalamat.com

## ٿَرُ

هُو گهاٽي، هو گهر، هِيءَ ڇانهيُن ڇانئي تِلي،
هُو ڇيلا هو ڇيليون، هي مارو مور ولر،
هو ونيون هو ور، هي ٻنيون هي ٻاجهرون!

●

چوڏاري چنئرا، ڪوڪو ڪُڏ ڪتي،
ٿاريلا ٿر ۾ ائين، جيئن پاٽيءَ ۾ پنئرا،
ٻِٽن تي ٻنئرا، ڦيرا ڏِين ڦِريو گهريو.

●

وَڪڙ وَڪڙ واٽون، چَڪر چڪر چارا،
ريتي رتڙي رنگ جي، ٿاٽر ڪِٽ ڪارا،
لُڏندا لامارا، ڪُڏندا اچن ڪيڪڙا.

●

سُوتا پوتا چنئرڙا، سوڙهه – سنگهوڙا در،
نِوڙي مَٽِن مهونگڙا، ناريون توڙي نر،
هيٺ جُهڪي هرهر، نيٺ جُهڪي جهانگي ويا.

●

---

تلي: سڌي سنئين آبادي لائق ٻني، ٽري واري.
ريتي: واري (ڳاڙهسري واري).
ڪيڪڙا: خاص قسم جون لاريون، ٽرڪون (جنهن ۾ ٿر واسي سفر ڪن ٿا).
مهونگڙا: مُنهن ڳڙا: چنئرن جادر
دَرَ مَٽِن: اندر گهڙن.

www.sindhsalamat.com

ٻنين چونئين چنئرڙا، ڏورانهون ڏسجن،
جڻ تا ڪاري توپ سان، سنتري پسجن،
چوڪس چَؤنڪي ڪن، پهريدار پٽن تي.

●

ويچارا چارا، ونيو هر پاسي هلن،
جيڏان ڪيڏان جوءِ تي جيپن جا جهارا،
وي وهٽن وارا، ڦيٽن کي ڪاٽي پڇو!

●

(1) گهر، تڙ تاسارا، ماٺهو، مگر اڄّ مِ،
ڍڳا، ڍور، رڍون، پهون هٽن هانبارا،
ٻُوٽا بارڻ ويجهڙا، وڻ – تڻ ويچارا،
وسون وسڪارا، چڙهون چوماسا ڪري!

●

(2) وَر ري وانديي واند، سَر ري سيم سُڃي، اڃي،
ڪانڌ، اندر جي ڪاند، تاڻي، هاڻ سِڳهو رسو!

●

(1) مگر: رستا. چارا بہ تہ مگر معنيٰ باهہ بہ.
(2) واند: بہ ٽي گهرڙا: ننڍڙي وسنهن.
سيمہ: تر، وانڊجي پسگردائي.

www.sindhsalamat.com

## ٿر (مٺي ۽ آس پاس)

(1) اڃا هَر ٻِٽ ٻوڻ جي، ٻاسي ٻُوتاڙيو،
(2) مڙهو، مندر، تر، تلي آفاتن تاڙيو،
سوپارا ساڙيو، اٿو، سنسا سَنڌ جا!

●

ٻوٽن سان ڀرپور ٿي، سڏيئون ٻوتاڙيو،
بدروحن جي ٻئو ٻئي، روحن کي راڙيو،
(3) تپاسي تاڙيو، ”چِٽُي“، ڪوڙي چرڪ کي.

●

(4) ميلو نانگن جو مَتو، ماڳين ”مالٺهور“،
ٻِٽن تي ٻَتو ٻتين، نانگ، بلائون نور،
ڪاريهر ڪارا سُرن، ڪارونجهر جي ڪور،
ٻيڻڻ ڪان ٻيتا وجن، مارو ماٺهو مور،
جهونا جوڳي جوڳ جا، لايو زبرا زور،
ڏوليا، ڏَنگر ڏور، وِهه ورتا آڄا ڪجن!

●

---

(1) ٻوتاڙيو: ٻوٽن وارو (2) مڙهو: ٻن ٻِٽن جي وچوارو حصو.
(3) مندر: وڏي ٻٽ سان ٻي ننڍي ٻٽ ملي جو ٻيڪڙ ٺاهجي.
تلي: سڏي ٻني.
(3) چِٽو: درويش جو نالو (چِٽي فقير جي قبر مٺي شعر پرسان آهي).
(4) مالٺهور: ماڳ مڪان جتي ميلو لڳي ٿو.

www.sindhsalamat.com

ميلو نانگن جو مچي، ڀتين بَدي ماھ،
(1) ڦوڪڻ ڦوھ ڪري ڦندي، سانگين ڀئي ساھ،
هوشياري همراھ، ويري، وھ ڪنيو وتي!

●

(2) ڏِڪيو ڏڻ ڏنار، اڇن اڇي قبر ڏي،
اٺيون، اٺئون، گهيٽيون، ٻگيون ڳئون بيمار،
ڇُٽي ڏي ايندي ڇٽن، وهمايل ويچار،
اڻچاڻائيءَ اوڳا ڪيا، انهن جا آچار،
دوائون درڪار، ميان، هرڪنهن مرض لئي!

●

سهڻا لڳن سيم ۾، ڊيلون، مور، ٻچا،
سادا، صاف، سچا، مارو ملڪ ملير جا.

●

ڪانهي ڪٿميرا، ڪڏي جا فوٽا،
ڀريل سُونهَنِ ڀرت جا ڳچيءَ وٽ ڳوٽا،
(3) ٽيٽَ، ٽُڪر ٽوٽا، گهُورون موتيون گهاٽجي.

●

(1) ڦوڪڻ: ڀيٽڻ نانگ، بلا.
(2) اڇي قبر: مٺي شهر ڀرسان مقام ۾ آهي.
(3) ٽيٽ: اک ٽيٽ، نظرداري، ڇڪاس.

www.sindhsalamat.com

ٻئي ڀَر ٻُوهَه، ڪبڙ، چيلا، چارا ريت جا،
وچ ۾ وِيل، رَبڙ، ڙُون ڙون، جيپ اچي وجي.

●

ٻهڪي پيو ٿو ٻوهه، ساجهر سورج سوجهري،
رنيپي تر جو روحَ، پياسو پاڻي واسطي.

●

چِلڪي چمڪي ٻُوهه، سانجهي ويندي سڄ تي،
روئي منهنجو روح، ساري توکي سپرين.

●

جيئن ٿو چمڪي ٻوهه، تيئن ٿو تڙپي روح،
ڦرڪيو چِوين ڦوهه، توڏي تاڻي ڊولڻا.

●

www.sindhsalamat.com

## خيرپور ميرس

سگهہ بنا سِيتل، سولو جهلجي ڪين ڪي،
پيرين پختائي ڪپي، بانهين بيٺو بل،
ماٿي مِٿو ڦل، جيڪو هي جوکم ڪٽي.

●

(1) سنياري سِيتل، چڙهيو ”چاڙهو“ چوٽ تي،
ٻاري ڪان ٻاري گهٽا، بانڪا ٻيلو ٻيل،
ماٿي مٿو ڦل، جندڙيءَ جو جوکم ڪٽي:

●

(2) چڙهيو چاڙهو چوٽ، ٻڌي چيلهہ چمنڊ،
مِٽي مقصد واسطي، اوراهتيو اٺموٽ،
ٿُتي، تڪرا ٽوٽ، ڇُهتيو ماٿي چاشنيون.

●

جندڙيءَ جو جوکم ڪٽي، چوٽ چڙهيو چاڙهو،
جٖلائي جولاءِ جو، ڦهر ڀريو ڪاڙهو،
سونَ – وَنو، ڳاڙهو، ميوو، مَٺ سڏيس پيو.

●

(1) چاڙهو: کجيءَ تي چڙهندڙ.
(2) چمنڊ: چمر جو پٽو جو چيلهہ کي ٻڌي چاڙهو مٿي چڙهي.

www.sindhsalamat.com

چڙهيو چاڙهو چوٽ، ٻڌي چيلهه چمند،
جاني، جرئت مند، مانيءَ لئه محنت ڪري.

●

(3) ڏيدي يا ڏوڏر، پچي تان پياري لڳي،
(4) بهتر ڪان بهتر، ڏوڏا، ڏئونڪا، ڏنگ تيا.

●

ڪتل ناهه ڪمند، اوڪو عشق امير جو،
جوڪم جرئت مند، ڪٿي خاص ڪجي چڙهي.

●

ٻڌي چيلهه چمند، چڙهئين چاڙها جوان،
ايڏو متي آيّ ڏي، ڪُٻي چيلهه ڪمان،
ماني، لِير، مڪان، ڪارڻ حيلا ڪيترا.

●

(5) ڪجِيءَ ونجن ڪارڪون، تاڙن ڪي تاڙي،
جا جند چيچاڙي، ساچا سقرو قل ڏئبي.

●

---

(3) ڏيدي – ڏوڏر: ڪجيءَ جا قسم، قل.
(4) ڏوڏا، ڏئونڪا، ڏنگ: سڀ ڪجيءَ جي قل جا نالا.
(5) تاڙِي: شراب لاءِ ڪجيءَ جو رَسُ.

www.sindhsalamat.com

چڙيين چوهارو، ڪيڪارين تان ڪارڪون،
سڏڪين سونهارو، مُرڪين تان موهي وجهين.

●

تنهنجي مُنهن ۾ جِيءَ، جڻ ٻارڪ ۾ بادام،
ڏِني ٻيٽا نام، چڪئي چٺوٽيون چاشنيون.

●

ڪيڪاريوم ڪجھو، مُرڪي ماڪيءَ ميٺ سين،
”ڏيرو ڏِجي ڪوٺ جو، سمجھيم ھوت حضور“،
ساري سنڌ سُرور، ھي پڻ سينو سنڌ جو.

●

ڪجھيءَ ڪئي ڪيڪارَ، ڪولي ٻانھون خير جون:
”ڪاچيلا، ڪھي پلـي، آئيـن لال لـيارَ“،
رَسُون، رنگ، ڪتوريون، ورسايون وِيچار،
استاد اڪيچار، سوچو سھڻي سنڌ لئي.

●

ڪيڪاريو ڪارڪ، سڳ سجاڻي سنڌ جو،
تون تان پار پهاڙ جو، پيرون آهين پڪ،
چني، ڳاڙھي، چاچڙو، چوليءَ تائين چڪ،
اُتي تنهنجي تَڪَ، جتي جرڪ جھان ۾.

●

www.sindhsalamat.com

ڏات ڀريا ڏوڏا، خاصا تنهنجا خيرپور،
سهڻ تڙڪيءَ تاءُ ٿي، لُڪُن جا لوڏا،
پچن پياز پچاڻ ۾، چلجن ته به چوڏا،
دوڏارا ڏوڏا، ڳيڏا منهنجيءَ ماڳ تي!

www.sindhsalamat.com

## ڪوٽ - ڏِجي

(1) ٻُڌج، "ڏِجي - ڪوٽ"، نوتو، رني ڪوٽ جو،
جُهڪر، موهين، آمري سيئي آهيون سوٽ،
چَڪِي اهو چوٽ، رکي، ڪوٽ - نظر جو.

●

ٻڌج، ڏِجي - ڪوٽ، نعرو رني ڪوٽ جو،
اولهہ اسين واهرو، اوپر تنهنجي اوٽ،
اُهو ٺُڪر - ٺوٽَ، جيڪو ڏاري ڏيهہ کي.

●

(2) ڏاتر، ڪوٽ - ڏجي، آهين، ناهين، ڏيجگر،
سيپيتا جا سجّ، تو سَهائي سرجي،
وندائي، وِرچِي، راويءَ تائين روشني.

●

رني ڪوٽَ سلامَ، ڏِجي توڏي موڪليا،
قلعا، ماضي، حال جا چوڪيدار مدامَ،
هوشياري! هِيءَ قوم آ، هٽي بيٺي هامَ،
آجا شهر، عوامَ، ڪرٽا پوندا قهر مان.

●

(1) نوتو: پيغام، نياپو.
(2) ڏاتر: ڏيندڙ.

www.sindhsalamat.com

(1) سنڌوءَ سنتري، ڪوٺيان توکي ڪوٺ تو،
(2) ”سِرائي“ تنهنجا سڄڻ، تنهنجا مِيت ٽري،
ڪاچيلا ياٺر پلا، جوڌا جوان جَري،
لاڙيچا ارڏا وڏا، بانڪا مڙس بَري،
منهنجا يارَ، مري، ڏبو پهرو ڏيهه تي.

●

ٻُڌو، ڳاڙها گهوٽ، دودا جوڌا ديس جا،
اسين اجها اوٺ ۽ اسين قلعا ڪوٽ،
اٿو او اٿموٽ! آٿيون هاٺي آجپو!

●

(1) سنتري: سپاهي.
(2) سرائي: سري وارا، سرائڪي صوبي وارا.

www.sindhsalamat.com

## سڙ گهاٽو

ڪَلاچِي – ڪُن وُيڪرُو، ڪُنن ۾ ڪئي ڪُنَ،
هوئِڻَن تہ بلائوُن بحر ۾، پر ڏئِنَ جا هِٿ ڏُن،
اُڪرِي ۾ اوڳُنَ، اڳِئين ڪان اڳرا گهٽا.

●

ڪَلاچِيءَ جِي ڪَچِ، پاليا پاپ وڏا وڏا،
مُندنَ تِي مستِي ڪَري، مچين مان تيا مچَ،
مٿان اُجِري اَچِ، اَندر ڪارا ازدها.

●

هوڙهيا ٿيا هڙپ، ڳوڙا، مچ ڳهي ويو،
تڪڙ، تيز تڙپ، ڪوڙين ڳوندَ وڃائيا.

●

مَچ وڌيون واڇون، ماڙا مڙس ڳهيو وڃي،
اچوڙي، آڇيون، بڙيچون سندس پيٽ ڪي!

●

توڇو سمجهيو مچ آ، هوندين هميشه،
ڏونگر، تنهنجيِ ڏيل ۾، تيز تکا تيشا،
نيٺ تہ نوَ – نيشا، مرندين زيشو ريش تي.

●

www.sindhsalamat.com

ماٺھو - ٻِھٽا مڇَ، ڪُنبن ۾ ڪوچا ڪرين!
ڳھاتُو، ڳُھيرا، ھوڪڙا، تِيز، رڪاوان - رڇَ،
ڪِلا تنھنجي ڪيچَ، نؤتو، مَڇَ مري وٺين!

•

ڪلاچيءَ جي ڪنڌ تي، بن قاسم بندر،
بارُ، لڱڙ انـدر، بـاھـر ٻولـيَ ھـنج جـي.

•

ڪلاچيءَ جي ڪَپَ تي، ماڻھو، محل، ملوَن،
جاڳن حملا باھريان، ٻاڳيا، ڳھر، ڳھلون،
(1) ڪامون يا ڪِ ڪِلون، ڏاڙيَ ڏاڪ ڏِڪيَ متي.

•

جِـتـي وڏا جـر، اُتـي اَڏا انـد جـا،
ڳِھيو، ڳِرڪـايـوُ وجـن، جـبرا جـڦاور،
سچ سٽاءِ ساگر، ڪھـڙو تنھنجو قاعدو!

•

مڇُ ڪتي مضبوط، ڳھاتُن رڇَ منجھي وڏا،
ھنڪڙي ڏڪ جو قوت، پيچاڙي پڌرو ڪجي.

•

(1) ڍِڪر: جھازن جي گودي.

مڃَ ڪتي مضبوطؔ، ڪارِي آڇَ ڏڪي ڇڏيا،
ڪُنبَ - ڪُن ۾ رنبي جيئن، ڀنبي - برن ۾ ٻوٽَ،
ڏاهپَ ڪئي ڏوٽ، ڪنبائي ڳترا ڪيا.

●

اوٺن، اُٺي آڇَ، مَنيون، ڀِنيون چوليون،
واجهون ڦاٽئي وات ۾، ڪندريون ۾ ڪڇَ،
مري وئين مڇَ، ڦٽڪيو ٿو ڦوندا ٿئين.

●

چوليون ڇيٽون رت جون، مٿو هوندين مڇَ،
ايريا مٿان آڇَ، هي ڇو ڳاڙها ٻلبلا!

●

ٻيڙي مٿان ٻڇَ، مڇرجي ماٺهن ڪئي،
گهاتن، ڪاتن ڪرمچي، اڄ ٻنائي اڇَ،
مَنهاٺَن ۾ مڇَ، ڪاسائَن ۾ ڇيلڙا.

●

ڪاڄ ڪيائون ڪاهه جو، راڄ مڙيئي رڇَ،
چِرڪايائون ڇڇَ، ڇيڙي ڀالا ٻڙڇيون.

●

www.sindhsalamat.com

ڏٺم نئين سنڌ کي، حال تہ ٿيو حيرت،
ساڳي صورت مان بڻي نئين هڪ صورت،
نازڪ کان نڏڪ گهٽي، نرميءَ کان شدّت،
ڇُون ڇون جي مربي ۾ هئي، ٿل ٿل جي لذّت،
محبت ۽ محنت، اڳي کان اڳري لڳي.

•

ڏٺم نئين سنڌ کي، فق ٿي ويس في الحال،
چڙيو ڪالهہ - زوال جي، ڪلهي، حال - ڪمال،
غالب ۽ خوشحال سان، اوريو پئي اقبال،
پتائيءَ جا پيال، اردوءَ پئي آلاپيا.

•

ڏٺم نئين سنڌ هئي، قومي چوراهو،
رُتبو، سنڌي قوم جو: سورهيہ بي واهو،
جذبو، وڍيل ٻڙجيان، سائو، بي ساهو،
جيئي ٻگهڙ، شير سان، سيڙهہ، گدڙ چاهو،
ڏاڍو ۽ ڏاهو، الائي، ڇاڇا ڪري!

•

www.sindhsalamat.com

## اُڇو ٿيون انسان

وڙهي وڙهي آخر، ڦٽجون، ڦٽڪون ڪيترو،
سنڌي، مهاجر، پاڻ، پاڻ تي رهڻون!

●

وڙهي وڙهي ڀانگا، ڪُڪڙن، ڪٽن جان ٿيون،
لاشن تي لاڏا ڇون، ڳجهون ۽ ڪانگا.
انساني سانگا، سنياري سنگتي ٿيون.

●

ڦٽن، ڪٽن سنڌ ڪي، اهو ناهه علاج،
سچو قومي ڪاڄ، محبت موڪي تي سگهي.

●

ميزبان ۽ مهمان، پنڪو باسي تي ڇڪو،
ڏنوسون ڏهڪار ۾، مذهب تنهنجو مان،
اُڇو ٿيون انسان، ٻنا آمن بچون نه تا.

●

ڪهڙو ڪتان جو، چوريو چاڪ نه ڪالهه جا،
هاڻي، هتان جو، سوچو ڀاڳ سنڌوءَ جو.

●

www.sindhsalamat.com

## ڏئم اڳتي سنڌ ڏي

ٻَل پَل وِهَه جا ڏُڪَ، پيئندي لکيم لفظ هي،
تيغون تاريخي جبر جون، رڳ رڳ ڪيم رُڪ،
اکين مٿا ٻُڪَ، رکي، جُڳ ڏِسي ويس.

•

ڏئم اڳتي سنڌ ڏي، ديد ٻيري ڏُرڙي،
لڳم ڊينديڊ ڪِراڙ ۾ رسالو ڪُرڙي،
ٻِـتَ پـئي پُرڙي، آئيـنـدي آڙاهه ۾.

•

ڏئم اڳتي سنڌ ڏي، ڦاٽي ويم دوڏا،
ٻِٽن ۾ ٻونچال هو، لڪن ۾ لوڏا،
ٽئنکن جي ٽڙڪات کان، رڙيا ٻئي توڏا،
گهيري ويا گوڏا، مها ڪوي ڪنڌ ڪي.

•

ڏئم نئين سنڌ کي، هوش ويو چرڪي،
هيڏو سارو ڇهڇٽو، هانءُ ٻيم هرڪي،
ساٿين ڏي سِرڪي، مان به ملي ويس ميڙ سان.

•

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# وايون

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

سُورَ تيندا ناسُورَ سياٽي،
سوچيو،
لوچيو،
هاٽي جو هاٽي!

ويڙهہ وڏي کا ڪرٽي پوندي،
پِيڙ چڏي چو پاٿهي، پاٿهي،
سوچيو،
لوچيو.

ڏينهن ڏٺي جو ڪيڏي گندي،
اوندهہ ڪئي آ ڪاري ناٽي.
سوچيو،
لوچيو.

پاناما کان پِپري تائين،
دوکو، ڏُنڌ ٻتو ويري واٽي.
سوچيو،
لوچيو.

www.sindhsalamat.com

ڏرتي توتي دوزخ دونھون،
آدمَ زادو خود تو آڻي.
سوچو،
لوچو.

ٻکسي ۾ بارود پرندو،
چورو وينو گنديرف چاڻي.
سوچو،
لوچو.

ڪِڪَ ڪٽي تي هِير ورهائي،
خوشبو کي تو جهولو ڪاڻي.
سوچو،
لوچو.

توکي پيڙيو پاپ بلاول،
مونکيٰ گھوٽيو گھنگھر - گھاٽي.
سوچو،
لوچو.

www.sindhsalamat.com

ماڻھو، باھ جون فوجون ٺاھيون،
ماڻھو، موجون ڪھڙيون ماڻي؟
سوچو،
لوچو.

اُڪڙيو، اُڪڙيو، اُپڙيو، اُپڙيو،
تيڪ ڏني آ ڪنھنکي ٽاڻي.
سوچو،
لوچو.

عالم جو رکوال بخاري،
عالم ڏي انصاف اماڻي.
سوچو،
لوچو،
ھاڻي جو ھاڻي!

✦

www.sindhsalamat.com

جَر، تر بنجي ويا جنگاهہ،
جو بہ جئي پيو - جنگ لڙي پيو...

واڳون، چيتا، شڪرا، شمرا،
ساهن سامهون، سهڪن ساهہ.
جو بہ جئي پيو - جنگ لڙي پيو...

جِيئندو جندڙو، جهد پٽي پيو،
(1) ڪورڙ، ڪِرڙي، ڪِيلي ڪاهَہ.
جو بہ جئي پيو - جنگ لڙي پيو...

(2) چِپَّ، چَپر ڪان مُور نہ چِرڪي،
(3) ٿُهڙ، ڪمونءَ ڪان ڪاٽن ٿاهہ.
جو بہ جئي پيو - جنگ لڙي پيو...

سردي، گرمي ناهي نرمي،
برف بہ ساڙي، باهہ تہ باهہ.
جو بہ جئي پيو - جنگ لڙي پيو...

(1) ڪورڙ: ڪوراڙ، بلا.
(1) پٿر جي چپ: چپر، جبل.
(1) ٿهڙ: پکي.

www.sindhsalamat.com

ڏنڊون ڏورا، هرهنڌ هوندا،
سنڌ ۾ دهشت جا درياهه.
جو به جئي پيو – جنگ لڙي پيو...

ڪُهنبي خوشبو، چو تي ڪٿجي؟
گندي بدبُو، چو گجگاهه؟
جو به جئي پيو – جنگ لڙي پيو...

هاٿُو، هاٿيءَ جي پيرن ۾،
ڳاڙها گهوٽ نه ٿيندا ڳاهه.
جو به جئي پيو – جنگ لڙي پيو...

ڪمزوري آ ڏوهه ڪبيرو،
گيسر، ويسر، سني به گناهه.
جو به جئي پيو – جنگ لڙي پيو...

ٻانهُون، ٻاڻ به ساڻ بخاري،
هاڻ اڪيلي ناهي "آهه".
جو به جئي پيو – جنگ لڙي پيو...

✦

www.sindhsalamat.com

آزادي آواز، سيني سانڍيو ٿو وتين،
سجاڳيءَ جو ساز، سيني سانڍيو ٿو وتين.

پاٽي پاٽي هنجڙا، پاهڻ پاهڻ باز،
آزادي آواز...

بوقلمون بازيون ڪري، دَور نئون دمساز.
آزادي آواز...

ٽي وي، ريڊيو معجزو، انساني اعجاز.
آزادي آواز...

اکين ۾ آڪيرڙو، پڃري ۾ پرواز.
آزادي آواز...

دفع دوکيباز ڪر، اڄ ٿي ڪر آغاز.
آزادي آواز...

ماٺي ڪو انسان ٿي، عاليشان اعزاز.
آزادي آواز...

عوامي استاد جو، الهامي انداز.
آزادي آواز...

✦

www.sindhsalamat.com

چانءَ ڏيون تہ بہ چِلجن چوڏا،
ايڏا سُورَ سَهون چو جيڏا!

جن کي جوڙيون تن جي آڏو،
ٻَڌجن ٻانهون، گهِجن گوڏا.
ايڏا سُورَ سَهون چو جيڏا!

لُٽجن لويون، ڪِنڌڙن پٽڪا،
نيٺ پِتو تا ڏارن ڏوڏا.
ايڏا سُورَ سَهون چو جيڏا!

ڪَنڌا ڪِيرَ، ڪُپن پيرن ۾،
ڪوٺن وينا ويري گوڏا.
ايڏا سُورَ سَهون چو جيڏا!

کهڙي ڏوهہ ڏهاڙي ڪائي،
پنهنجي ڌرتي ايڏا ڏوڏا!
ايڏا سُورَ سَهون چو جيڏا!

هڪڙو ٻارو، هڪ اڌ ڏارو،
دوڏارن جا تن ۾ دوڏا.
ايڏا سُورَ سَهون چو جيڏا!

www.sindhsalamat.com

ڪاري ناٽي ڪارون ڌاريون،
تون مان ڪيسين تاتيون توڙا؟
ايڏا سُورَ سَهون ڇو جيڏا!

سچ جي پيڙي لڏندي لمندي،
ڪنڌي لڳندي ڪائي لوڏا.
ايڏا سُورَ سَهون ڇو جيڏا!

آزادي جا دَوَر بخاري،
ڏور نہ سمجهو آهن اوڏا.
ايڏا سُورَ سَهون ڇو جيڏا!

✦

www.sindhsalamat.com

گهاٽو نڪرن گُهٽ ِ مان،
ڏاٿون نڪرن ڪُڪ ِ مان،
تون، مان مِلنداسين!

سورج جهڙ مان نڪري ٿو پيو،
خوشبو، نڪري ڪِڪ ڪان،
تون، مان مِلنداسين!

جڏهين ساڃو، ڪاہو جاڳي،
تڏهين مونکي تَڪجان،
تون، مان مِلنداسين!

آدم جو پُٽ، آدم جي ذي،
ساڳي رَت سان ست سان،
تون، مان مِلنداسين!

مظلومن جو ميڙيو لشڪر،
بلڪل باغيءَ پرسان،
تون، مان مِلنداسين!

www.sindhsalamat.com

هرهڪ دؤر جي اُڳتان بيهي،
آءُ سڏيندس دڳ تان،
تون، مان مِلنداسين!

اڄ اڳتي اُستاد جُڳن جاَ،
سپنا پيو تو سوچان،
تون، مان مِلنداسين!

✦

www.sindhsalamat.com

ٻاجُهون، سانجهه ٻَريون،
ڏاتُــون، رات ڏريــون،
ڪارونُ چو نہ ڪريون ڙي، ڪارون چو نہ ڪريون!

سُهٽيون، سَسيون، سورميون، وَيون ڪين وَريون،
ڪارونُ چو نہ ڪريون ڙي...

ٻُڪيا بگهڙ تاڙَ ۾، لوڙهي بَندِ بَريون،
ڪارونُ چو نہ ڪريون ڙي...

دولت – ديو ڪسيو وجي، سُهٽيون پيارَ پريون،
ڪارونُ چو نہ ڪريون ڙي...

توتان، مون تان، سنڌ تان، توڪون ڪين ٽَريون،
ڪارونُ چو نہ ڪريون ڙي...

ڪهڙا ڪنڌَ ڪوي ڪٺون، ڪوڙيون قومہ تريون،
ڪارونُ چو نہ ڪريون ڙي...

مِلون، پيلا مشعلون، ٻنيون هاڻ ٻريون،
ڪارونُ چو نہ ڪريون ڙي...

www.sindhsalamat.com

ڦِرندا دؤر اسان هٿان، تيندا ظلم ذريون،
ڪاروُن ڇو نه ڪريون ٽڙي...

اُستاد اُت علاج ڪر، ڳٽتيون جاڻ ڳريون،
ڪاروُن ڇو نه ڪريون ٽڙي.
ڪاروُن ڇو نَه ڪريون!

✦

www.sindhsalamat.com

اونداهه ڪوٽ هٽائي،
روشن ڳوٺ وسائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين.
ريجهي راڄ ڪنداسين.

جيئڻ ۽ جيئڻ ڏيو،
ماڻهوءَ مان مڃائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...

محبت رنگ مچائجي،
دهشتگرد دٻائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...

در در هوڪو دوستي،
گهر گهر وير گهٽائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...

دلبر پنهنجي ديس جا،
برپٽ باغ بنائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...

آجو اوچڻ، آجڪو،
ويڙهي منجهه ونڊائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...

وک وک واس اميد جا،
جِيوَن جوت جڳائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...

www.sindhsalamat.com

خوشيون، ڇيڇ، هنيوڇيون،
نينهن ۽ سونهن نچائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...

استاد عزم اٿئون اهو،
يومِي بِشت بڻائي، ڪي جي ڪاڄ ڪنداسين...
رجهي راڄ ڪنداسين.

www.sindhsalamat.com

ڏولاوا ڏوڙا،
قلعا ۽ لوڙھا، جھونجھاڙن جھوري وِڌا.

ڏاھپ تاتيءَ ڏيھہ ۾، اوڙا ۽ ڏوڙا.
جھونجھارن جھوري وڌا.

سوپارا يالا ھٽي، گھاتڪ ۽ گھوڙا.
جھونجھارن جھوري وڌا.

پوندا ھا جي جھوڪ ۾، ھرھر تاڪوڙا.
جھونجھارن جھوري وڌا.

ڏاڍن جا ھِن ڏيھہ ۾، تڪّر ھا توڙا.
جھونجھارن جھوري وڌا.

مترڪا، چيٽيون ڪُٽي، اتيا آھوڙا.
جھونجھارن جھوري وڌا.

(1) دھشتگرد ۽ مافيا، جوڪا نوان جوڙا.
جھونجھارن جھوري وڌا.

www.sindhsalamat.com

انڊا ڪنگرا ڪوٽ جا، ڪلف، ڪڙا پوڙا.
جهونجهارن جهوري وڌا.

ساٿي چاچي سامر جا، پرماريُ پوڙها،
جهونجهارن جهوري وڌا.

استاد، انڊ انڊير جا، ماڻا ۽ موڙا،
جهونجهارن جهوري وڌا

✦

www.sindhsalamat.com

هَــلــن تــا هــالار،
ڪِلن تا گلزار، سورهيه غازي سنڌ جا.

جوڌن کي جنگاهه ۾،
سوڀون پاڻئن هار، سورهيه غازي سنڌ جا.

ڪريو مَلڪ مرحبا،
لنگهن تا مهندار، سورهيه غازي سنڌ جا.

واڌايون وڻ وڻ ڏِين،
خلقون ڪن ڪيڪار، سورهيه غازي سنڌ جا.

تاڙيون، نعرا، توتڙيون،
هاڀا هُلَّ هزار، سورهيه غازي سنڌ جا.

ٻولي ٻولن ٻي نه ڪا،
ڪوليءَ ۾ خوددار، سورهيه غازي سنڌ جا.

محلي ۾ مينار جان،
جلسي ۾ جهرڪار، سورهيه غازي سنڌ جا.

www.sindhsalamat.com

تحريڪون تائيد ڪن،
تاريخون اقرار، سورهيه غازي سنڌ جا.

ادن جا اُستاد چئي،
چوڌاري چمڪار، سورهيه غازي سنڌ جا.

✦

www.sindhsalamat.com

پاڙ پَٽي، ڪولاهه لٽي، وقت وڏي وانگار سَڏِي.

پائر، پينر پيڙا تيو ٽجو،
ڪو تو بينو ڪوٽ ڪٽي!
وقت وڏي وانگار سڏي.

عشق تني کي عقلَ رتي ڏينو،
جوش هجي چو هوش هٽي.
وقت وڏي وانگار سڏي.

بدبو چو هُبڪار لٽاڙي،
جهولو چو ڦولهار ڦٽي:
وقت وڏي وانگار سڏي.

چُڻ پڻ لاتي چاهت، وچ ۾،
اُڻ تڻ لاتي آهي اٽي.
وقت وڏي وانگار سڏي.

اتڪين تو ڏهڪار اجايو،
توڪان ويندي خلق ڪٽي،
وقت وڏي وانگار سڏي.

www.sindhsalamat.com

پاپي، ڪائِي ڀِي وٺ هاٿي،
باقي آهين ڏينهن ٻہ ٽي.
وقت وڏي وانگار سڌي،

عِمر سڄي استاد اُٺو آ،
ڇاتين ۾ ويو گيت ڇٽي.
وقت وڏي وانگار سڌي.

✦

www.sindhsalamat.com

ڪوندر ؤينين ڪانپ ڪڍِي، سُڌ نہ لتي، أيرئي جي.

ڌنيجي سيارو، ڏنيجي آرهڙ،
ڪنجي پٺي تي چيٽ، ڪتي، سڌ نہ لتي...

پڙڇ وڇائي راند رهين پيو،
عرش چڙهي ويا مرد وڏي، سڌ نہ لتي...

ووڙين ويٺو ڏور، پروليون،
پيلائي ويا ڪالهہ بجهي، سڌ نہ لٿي...

هيڏهن مرليون ماٺهو ميڙا،
هوڏان ڪيڏي لوڏ وڏي، سڌ نہ لتي...

ٻوٽي ٻوٽي سچ جي آهي،
رهزن روَلو ڪوڙ رڏي، سڌ نہ لتي...

جُوءِ ٻچي جهونجهار ٻخاري،
عام اٿي جي ٻولَ ٻَڌِي، سڌ نہ لتي...

✦

www.sindhsalamat.com

ضرب ڪجي ياوند،
جوڙ ڪجي يا ڪٽ، مهل مهل مت ست، الا.

سر پر سنهڙي يار جي پر ۾،
غير اڳيان گهوگهٽ، مهل مهل...

تعدي طور ڪٽي تعذيرًا،
قول هٽڻ نہ بہ ڦٽ، مهل مهل...

سائو سينور زهر ڪري ويا،
موکي تنهنجا مت، مهل مهل...

هِن هَنڌ هئي ٻهڪار نہ ڪيڏي،
چو هِي هيڏي چَٽ، مهل مهل...

ڪي ڪي هار بہ لڳندا آهن.
ڳورا جهڙا ڳِٽ، مهل مهل...

لِڱ ٻٽايا لوهہ ٻخاري،
پيش اوهانجي پَٽ، مهل مهل...

www.sindhsalamat.com

همّت تي هسوار،
هَل الاتوهار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

”چُريا سي چڙهيا“ اهو،
اتئون اعتبار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.
”مُڙيا سي جڙيا“ مثان،
مَردن ناهه مدار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

ترسڻ ڪاتي تانگهه کي،
سِڪڻ ناهِ قرار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

قولهيوسون پاتار کي،
ڳولياسون پولار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

تارا، پَتر راهه جا،
ڪاهڪشان بازار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

جنگين ۾ جهونجهار ۽،
ويڙهي ۾ وينجهار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

هونداسين هيڪار جان،
هِيرن تي هسوار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

اوندهه ۾ استاد ڪئي،
جند اتئون جرڪار، پاڻ هميشه پنڌ ۾.

✦

www.sindhsalamat.com

ڏڙدون ڪائي،
ڪاتان آئي، هِيءَ اُداسائي!

ٽيپهريءَ جو ٻوڪر ٺَڙ تان،
ڇپري اڪ ڇائي، هِيءَ اُداسائي!

سسئي، سُڄ، اڪيلي ڪُوڪي،
پيڻ نہ ڪو پائي، هِيءَ اُداسائي!

سهڻي، ساهڙ ٻيلهہ ٻُڏي ويا،
ڪَل نہ ڪنڌيءَ ڪائي، هِيءَ اُداسائي!

چارڻ، سورٺ، راءِ ڏِياچ جي،
وات اها وائي، هِيءَ اُداسائي!

ڪوڙ اُميدون عام اسان جون،
خاصَ ويا ڪائي، هِيءَ اُداسائي!

تارا، ٻارا آڄُ لڳن ٿا،
ڄَڄ اندر ڇائي، هِيءَ اُداسائي!

آس، اڇي استاد جي ڪرتون،
ناس نراسائي، هِيءَ اُداسائي!

✦

www.sindhsalamat.com

هٺ هٺ هھڙو ويل،ويلو، گذري ويندو.

وڻ وڻ وِيلو، پَن پن پِيلو،
واءَ وهاتيل ويل، ويلو، گذري ويندو.

سانگ سَرءَ جا، نانگ آرءَ جا،
گهٽ گهٽ تي گهوڙيل، ويلو، گذري ويندو.

هائيءَ هاٽا، تچڪن ٽاٽا،
جِيوَن جهڙو جيل، ويلو، گذري ويندو.

ڪَچّو ڪاچو، ڪارو پاچو،
مُنڌل ڏاڍو ميل، ويلو، گذري ويندو.

پِرت پيڙايا پيارا ماڻهو،
توڙي نڪري تيل، ويلو، گذري ويندو.

ڪَنجن ڪُوڪت، لُنجن لُولهت،
دادِڏٽي ڏاڙيل، ويلو، گذري ويندو.

سُوِليءَ سَلجڻ، سولو ناهي،
ڪَلجڻ ناهي کيل، ويلو، گذري ويندو.

www.sindhsalamat.com

آنسُو اُگھندا، سورج ڪرڻا،
رات رُنو رابيل، ويلو، گذري ويندو.

اڄڪلهه آ اِستاد اسانجو،
مِهڻن سان مُنهن ميل، ويلو، گذري ويندو.

✦

www.sindhsalamat.com

موڳيون مرليون جوڳي جَت،
ڳليءَ ڳليءَ کي سوڳھا ڳت،
کيئن ڪريون ڙي کيئن ڪريون!

ڏونگر اجگر، نانگ آريڙ،
واٽون ڪاريھر جا وَٽ،
کيئن ڪريون ڙي کيئن ڪريون!

وينا ڏھر وسيھر واري،
پيئڻ پنھنجا سمجھي پَٽ،
کيئن ڪريون ڙي کيئن ڪريون!

ڪُرسين تي ڪاريھر جھُولڻ،
ڪَپّرَ واري وينا ڪٽ،
کيئن ڪريون ڙي کيئن ڪريون!

پَرڙ بلائن پُونگ وڏائي،
چو تہ اچي تي اھڙي چَٽ،
کيئن ڪريون ڙي کيئن ڪريون!

www.sindhsalamat.com

مـحلا ڏرڙ، مَنجهن ڪـوراڙون،
لاهيو تن تان لوڪو لَٽ،
ڪيئن ڪريون ڙي ڪيئن ڪريون!

ورهيـه ٿيا وِهـُـه هاري ويا هُو،
موڪي تُـنهنجا مارن مَٽَ،
ڪيئن ڪريون ڙي ڪيئن ڪريون!

ناتا، نانگ، بلائون ڪاتا،
گَرَجُ بخاري ڪر گهوگهٽ،
ڪيئن ڪريون ڙي ڪيئن ڪريون!

✦

www.sindhsalamat.com

تون پگھرين تو، آءُ پگھاريان؛ فرق اھو آ.

ديپڪ راڳ جي دعويٰ سولي،
يا تون ٻار يا مان تو ٻاريان! فرق اھو آ.

تَئونس تڙپ جي، جھڙپ اڇي جي،
تو وِقلين تو، آءُ ويچاريان. فرق اھو آ.

شاھہ جا شيدائي ٻُڌ ٻيلي،
تون مومل، مان سسئي ساريان، فرق اھو آ.

تو ھٿ ھاسو، مون وٽ تيشو،
ڏونگر ڏورين، ڏونگر ڏاريان، فرق اھو آ.

سوچ سمي جي سڀ ڪنھنکي آ،
ڪالھہ قلھورين، حال سنواريان، فرق اھو آ.

رنگ محل کان گذجي گذرون،
بُرج نھارين، پيڙھہ نھاريان، فرق اھو آ.

www.sindhsalamat.com

مشڪل کي آسان ڪرڻ لئہ،
ڪڙم پڪارين، قوم پُڪاريان، فرق اهو آ.

شاعر، حق جي ڪُوڪَ بخاري،
تون پٽڪين، مان تو للڪاريان، فرق اهو آ.

✦

www.sindhsalamat.com

لاهين هانء متان!
ڏيندو ڏِير وتان، هر هر هينئڙي کي،
جاني، جيئڙي کي.

دم دم پهچن دلبريون،
واهر سونهن وتان،
ڏيندو ڏِير وتان، هر هر هينئڙي کي.

جيڪا جوت جهان جي،
ووڙي نيٺ وتان،
ڏيندو ڏِير وتان، هر هر هينئڙي کي.

وچڙي کين وجاءِ تون،
هـهڙي منڊ هـتان،
ڏيندو ڏِير وتان، هر هر هينئڙي کي.

وهنجان تنهنجي موه ۾،
هڻ کو مينهن متان،
ڏيندو ڏِير وتان، هر هر هينئڙي کي.

www.sindhsalamat.com

تاريو هاڻ ۽ نہ مون اجا،
مارين موت متيان،
ڏيندو ڏير وتان، هر هر هينئڙي کي.

هاڻي سوچ نہ تين پرين،
اچين تو يا اچان،
ڏيندو ڏير وتان، هر هر هينئڙي کي.

استاد اوتي تو ڏيان،
موجون مونجهه منجهان،
ڏيندو ڏير وتان، هر هر هينئڙي کي.

✦

www.sindhsalamat.com

اڃان سنڌ -سرير، عضوو، عضوي کان جدا،

سو ڪيئن ساري سنڌ ٿئي،
شاعر، ڪنڌون - ڪير،
عضوو، عضوي کان جدا.

وڏيرو وِهُه روح ۾،
ظاهر پنڌ پنير،
عضوو، عضوي کان جدا.

اڃان عام عوام ٿيو،
فڪر منجهه فقير،
عضوو، عضوي کان جدا.

اڃان ڇڄّ غريبڙو،
اڃان اُڄّ امير،
عضوو، عضوي کان جدا.

پَٽ تي نرڙ مريد جو،
اڃان ڪٽ تي پير.
اڃان سنڌ - سير،
عضوو، عضوي کان جدا.

✦

www.sindhsalamat.com

منهنجي ڳالهه ٻڌو نه ٻڌو، پر پنهنجي ڳالهه ٻڌو،

اڄ جو ايڏيون سرٽيون اُڀَ ۾، هي جو ڳاڙهي وات ڪُتو،
پنهنجي ڳالهه ٻڌو.

هرهر گولي گُسندي ناهي، هن پيري هو آهي گتو،
پنهنجي ڳالهه ٻڌو.

لياقت باد تہ دهشت باد، پر ڪنهن هاشم ياڻ ڪُتو.
پنهنجي ڳالهه ٻڌو.

هڪڙي پاڙي شهر ٻڪي پيو، هڪڙي پاسي آهہ سُتو،
پنهنجي ڳالهه ٻڌو.

دنيا ڪي اڏ رنگ تي پيو آ، روپ پيلو آ، روح پُتو،
پنهنجي ڳالهه ٻڌو.

گهر گهر آ گهڙيال بخاري، هرهر چئي تو اتو اتو،
پنهنجي ڳالهه ٻڌو.

✦

www.sindhsalamat.com

نازڪ فڪر نفيسڙا، ڪرٽا پوندا جيئڙا،
موڳا مُستندا،
ڪاهڪشان ڪندا،
اڄ تي اکين ۾ تنبي.

مانيءَ سان گڏ مانَ جا، آزاديءَ اعلانَ جا،
جهولايون جهندا،
ڪاهڪشان ڪندا،
اڄ تي اکين ۾ تنبي.

آڳ لڳي احساس کي، آسُنِ جا استاد تي،
چڻنگاريون چندا،
ڪاهڪشان ڪندا،
اڄ تي اکين ۾ تنبي.

✦

www.sindhsalamat.com

ڪاھڪشان ڪنڊا،
اڄ تي اکين ۾ ٽنبي،
سچ پچ سوچن ۾ ٽنبي،

انڌا آدجڳاد ھا، پوڙا برق ۽ باد ھا،
ملائڪ منڊا،
ڪاھڪشان ڪنڊا،
اڄ تي اکين ۾ ٽنبي.

ھو جي بم گولا ھٽن، شيشي - گھر ۾ ٽا نچن،
مَست ڪٺي ڏنڊا؛
ڪاھڪشان ڪنڊا؛
اڄ تي اکين ۾ ٽنبي.

پومي تنھنجي پاڳ ڪي، ڳِھلن پيا ٽا آڳ ڏي،
چريا ۽ چنڊا،
ڪاھڪشان ڪنڊا،
اڄ تي اکين ۾ ٽنبي.

www.sindhsalamat.com

* ڇهڪن ٻهڪن ايرا سيرا، تڙ تي ڏَبلا ٻال،
اميدون مُنهنجون.

** وَهُه جو واسُ وڪوڙي ويو جا، مکڄي پئي هن ”جال“،
اميدون منهنجون.

نوري، ڄام نگاهن ۾ تم، سهڻي ۽ مهوال،
اميدون منهنجون.

آئيندا انصاف بخاري، آئيندا خوشحال،
اميدون منهنجون.

* ڏبلا: ڪيٽي ٻندر طرف هڪ ذات.
** وَهُه: وهه جي ٻوءِ جيڪا ٻيڙين کي مکڄي ٿي.

www.sindhsalamat.com

چولين واراٌ چال، اميدون منهنجون.
لهرلهر آ لمحو لمحو، ساگر پاسن سال،
اميدون منهنجون.
تيز هوائون تيز تمنّا، تڪڙا تڪڙا تال،
اميدون منهنجون.
چمڪيا ڪِرڻا چانڊوڪيءَ جا، جر سان جوڙيوال،
اميدون منهنجون.
چاندي لهرون، نيلم لهرون، لهرون هيرا لال،
اميدون منهنجون.

www.sindhsalamat.com

ويهي اندر واڻري، سوچيو خَلاصي.

*اڳيان اُتَ جوار جي، اچٽي اماسي،
سوچيو خَلاصي.

سبز سَرنگ، ناڪٺا، عاقل، احساسي،
سوچيو خَلاصي.

ماهيگير مڙئي مڙو، لاڙيچا لاسي.
سوچيو خَلاصي.

اوڪاسِين استاد پيا، سمورا ساٻسي،
سوچيو خَلاصي،
ويهي اندر واڻري!

✦

* جوار: وڏي وير (سمونڊ جي).

www.sindhsalamat.com

اُھاء ۽ سرھاڻ ڪي،
* وير نہ وجھن ونگ!
جھومون، ڳايون جيڏيون!

** دِلين ۽ درياھ جا،
دوست نہ ٽِين دنگ!
جھومون، ڳايون جيڏيون!

اَمن سان اُستاد چئي،
آھن اوج اُمنگ!
جھومون، ڳايون جيڏيون!

✦

* وير: ڏشمنيون، وِيلَ (مقصد: قيد نہ ڪن، مجبور نہ بنائين).
** دنگُ: ڇيھ، (مقصد: دوستن ۽ درياھ شال ختم نہ ٿين.)

www.sindhsalamat.com

هيلڪوڪي سارنگَ،
لاتا سهڻا رنگ!
جهومون، ڳايون جيڏيون!

وسڪاري وارا ڪري،
جرڪايا جر - جهنگ.
جهومون، ڳايون جيڏيون!

* باجهر، جوئر جا سِتا،
** مُهريون ۾ مارنگ.
جهومون، ڳايون جيڏيون!

ٻيلي ٻُرن ٻوليون،
ڪنڌيءَ ڇُرَنِ چنگ.
جهومون، ڳايون جيڏيون!

ڪيٽي، ساگر ڪڇ ۾،
سرتِيُ، سرتِيُ سنگ.
جهومون، ڳايون جيڏيون!

---

* سِتا: سنگ

** مُهري ۾ مارنگ تشبيهه ان لاءِ ڏني وئي آهي جو هڪڙي جو آن چڙڻ ۾ ٻئي جو ماني پچڻ سان واسطو آهي.

www.sindhsalamat.com

دائم قائم ديس ۾،
محبت جا ميلا،
ڪونڌر ڪاچيلا.

آزادي آئيو اتو،
ارڏا اربيلا،
ڪونڌر ڪاچيلا.

●

www.sindhsalamat.com

ڪوپا مڙس ڪنوات، پر –
لوڙ ڪيا ليلا،
ڪونڌر ڪاچيلا.

اوچا ايّا ڳاٿ، پر –
چَندن جا چيلا،
ڪونڌر ڪاچيلا.

منڇر، بارڻ، گاج، پر –
ويهن تا ويلا،
ڪونڌر ڪاچيلا.

أجرا دل جا عاج، پر–
يُوٽن مُنهن – پيلا،
ڪونڌر ڪاچيلا.

ڦَنجن، ڦُرجن پاڻ تا،
پاڻ ئي ڏاڙيلا،
ڪونڌر ڪاچيلا.

www.sindhsalamat.com

ڪاڇا، تنهنجو ڪَکُ، لهي تو لُڪُ.

ڌرتيءَ تان جو گهور، اهو شهزور،
پونءِ وَتو جو ٻَکُ، لهي تو لُڪُ.

سنڌڙيءَ جو سوداءُ، سدورا ياءُ،
سوگهو سانڍي رکُ، لهي تو لُڪُ!

اجرڪ، لونگي، ڪيس، ته آهن ويس،
ٻوليءَ وارو ٻَکُ، لهي تو لُڪُ!

آکيري ڏي تاڻ، اُڏامڻ ڪاڻ،
پڃري ۾ جو پکُ، لهي تو لُڪُ.

اونداهي استاد، تئي برباد،
بيشڪ پڙڪي ٻَکُ، لهي تو لُڪُ.

✦

www.sindhsalamat.com

هِيءَ جا آئي هِير،
خاص مِني خوشبو.

سنڌڙي انبن سان سڳداسي،
ڪاڻون ڪنڊون، ڪير،
خاص مِني خوشبو.

ميهر مشڪ ته مينهون عنبر،
سرهي سامهون سِير،
خاص مِني خوشبو.

ايندم نيندم ڏاتون ڏيندم،
ٿيندم ساهه سڌير،
خاص مِني خوشبو.

دلداري استاد جي لئي آ،
ذرتي تنهنجي ڏير،
خاص مِني خوشبو.

✦

www.sindhsalamat.com

* پائر، ڪاٽر پَٽُ،

منڇر، ڪينجهر مَنڌ ڇٽو.

ڏرتي پير پاتار ۾، ڇپّر متس ڇَٽ،
جهوني جُهور جهان جو، نِت نت نٿون نٽ،
هيروشِيما هاءِ ڪو، ڪولي دل جو ڦٽ،
(1) ڪوڙي شڪتي ڪيئن ڇٽون، هيڏو زور نہ رٽ،
(2) آچي تيل قليل تو، هاڙهي ڪوليو هٽ،
اڄ اڄ پِيءُ هن سچ ڪي، لهندءِ ڪُوڙي ڪٽ،
اڄ اڄ ايي ڳاٽ سان، تڪرا تڪرا ڳٽ،
(3) آءُ، ادي استاد ڪي، پوءِ جو پانيون پَٽُ.
منڇر ڪينجهر مَنڌُ ڇٽو.

✦

* پٽ: پيالو جام. منڌ: ماکي، شراب.
(1) رٽ: وڏو ڪرڙ (2) هاڙهي تر ۾ هاٿي تيل جو ليٽ لڳو آهي.
(3) پَٽَ: پان، راڳي.

www.sindhsalamat.com

گدرو، ڪاتيءَ تي ڪِرندو يا، گدري تي ڪاتي،
ڳالهه ته ساڳي ئي.

ماڪيءَ ۾ وهه ڪير ملائي، يا وهه ۾ ماکي،
ڳالهه ته ساڳي ئي.

پاڇاري پرمار وڃي يا، سُرڪڻ ڏئي ساٿي،
ڳالهه ته ساڳي ئي.

ڏونگر ۾ ڪو ڏيئڙو ٻاري، جهنگ وڃي جهاتي،
ڳالهه ته ساڳي ئي.

مستي ڪجهه ته مٽي مان نڪتي، ڇِلجي پئي ڇاتي،
ڳالهه ته ساڳي ئي.

ماتامي اڌ رات ڏئي وئي، پِنڪو پرياتي،
ڳالهه ته ساڳي ئي.

ريهه ڪري استاد رئي يا، ڪوڪ ڪري خاڪي،
ڳالهه ته ساڳي ئي.

✦

www.sindhsalamat.com

ڳلن ڳوڙها ڇڻ،

ڏنارن جا ڏڻ، پهريا هاڻ پٽن تي.

واٽون، واٽن مان ڦٽيون، وٽن وڇان وڻ!
پهريا هاڻ پٽن تي.

رستا ڪاريهر تِڪا، پاسي کان پاهڻ،
پهريا هاڻ پٽن تي.

ڪوٽن ۾ ڪونڊيون لڳيون، ڇتن تي پن ڇڻ،
پهريا هاڻ پٽن تي.

وِسڪيو شهرن ڏي ڏِسن، ويچارا واهڻ،
پهريا هاڻ پٽن تي.

دادوءَ کان مورو وڃان، واجهائيندو وڻ،
پهريا هاڻ پٽن تي.

www.sindhsalamat.com

ڪوپو ڳهاٽي ڳهوٽجي، چوڏول آءُ چڙهان،
هِن ڪان مان نہ هجان!

ڪونڌر – ٻانهن ڪڙول ۾، ۽ مان موڙ ٻڌان،
هِن ڪان مان نہ هجان!

ماٿهو ڪاري ڦهر ۾، ويريءَ هار وجهان،
هِن ڪان مان نہ هجان!

امن، اغوا انڌ وت، ڳهٽيون، شهر ڳهمان،
هِن ڪان مان نہ هجان!

ٿي وي جيڪا ٿئي ڪري، اکين ساڻ اگهان،
هِن ڪان مان نہ هجان!

ڌرتي ويڌن ويل ۾، اُستاد آءُ ڪِلان،
هِن ڪان مان نہ هجان!

✦

www.sindhsalamat.com

پنڪئي ڪي دڳ لايان ٿو،
دَور وجي ٿو پنڪيو پنڪيو.

- ويهين سَن جو پويون پهر آ، پوڙهي ڪي شرمايان ٿو.
- ايڪيهينءَ ڪان اڳ ۾ جڳ ۾، جِيوَن - جوت جڳايان ٿو.
- دهشت، محبت ڪي للڪاريو، دهشت ڪي ڌمڪايان ٿو.
- آنڌ - ڌاڌن جي پيڙهه پٽايان، ڦندن ڪي ڦٽڪايان ٿو.
- جند ڇڏايون ڳن - ڪلچر مان، سنڌ سڄاڳ سڏايان ٿو.
- سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي سڏبو، سيني ڪي سمجهايان ٿو.
- سنڌي - سرائڪي يائر - يائر، سَٿلين ڪي سرچايان ٿو.
- ”جيئو، جيئڻ ڏيو“ آدم زادؤ، در در ناد وڄايان ٿو.
- سُرهو ٿئي سنسار بخاري، مِٽيءَ ڪي مهڪايان ٿو.
پنڪئي ڪي دڳ لايان ٿو.

✦

www.sindhsalamat.com

مائو، لينن، هوچي مِن تي، ماٺهوءَ مان ملهائين ها؟
(سوچي پوليم) سائين، ها!

نُور نئين سان دَور نئين جي، راهَ نڪوري رائنئين ها؟
(سوچي پوليم) سائين، ها!

آدم ڪان اڳ، اڄ ڪان اڳتي، جُڳ جُڳ جوت جڳائين ها؟
(سوچي پوليم) سائين، ها!

✦

www.sindhsalamat.com

موھن بنجي مَن مُھٽين ۾، بنسي برھ وڄائين ھا!
(سوچي ٻوليم) سائين، ھا!

اعظم مغل، حڪومت سامھون، عام عنايت چاھين ھا؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ھا!

ڏاھر، دودو، ھوشو، ھيمون، پومي پاٿر پاتئين ھا؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ھا!

'ايڊ انون' تي، 'ٻاگو' بنجي، 'مُلڪُ ڇڏي "مَنُ" چاھين ھا!
(سوچي ٻوليم) سائين، ھا!

جُوڻ ملئي جي جنّت پھچين، گيت اتي ٻي ڳائين ھا؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ھا!

وري وري ھت پيدا ٿين تون، واسَ، ورن ورجائين ھا؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ھا!

امرت اوت پرين ري پين، يا، ڪاش، ڇئي، اڇلائين ھا؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ھا!

www.sindhsalamat.com

جنّت ۾ استاد هجين ها، ڪٽڪ ڪڪوري ڪائين ها؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ها!

منع ڪيل ميوي کي وٺ کي، الري هٿڙو لائين ها؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ها!

قابيلان، هابيل ڪُسي پيو، ڇا مظلوم ڇڏائين ها؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ها!

فرعونن جي گهر ۾ پلجي، ڏاڍن کي ڌمڪائين ها؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ها!

تيرن جي وسڪارن وچ ۾، حرّ حسين سَڏائين ها؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ها!

ڏَڪ ڏَڪ سان تٿي انگ اڏواڏ، آناالحق الائين ها؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ها!

اورنگزيبي حڪم حدن ۾، سرمد سنڌ سڏائين ها؟
(سوچي ٻوليم) سائين، ها!

www.sindhsalamat.com

ڪلهه جي التي اڄ جي پَٽ تي،
اوڪ نہ او ڪاڪا،
هانءُ نہ هاريو ساٿيو!

ڏور ڪڪوريا، ڏُڏِ ارادا،
اُڪريا اولاڪا،
هانءُ نہ هاريو ساٿيو!

ساپيان ايري ايندا سامهون،
خوابن جا خاڪا،
هانءُ نہ هاريو ساٿيو!

جنهن سان جڳ جي جرڪ بخاري،
سوچ ڪبي ساڪا،
هانءُ نہ هاريو ساٿيو، چڙهبا چاڙهاڪا!

✦

www.sindhsalamat.com

جهاڪن تي جهاڪا،
ڏاڪن تي ڏاڪا،
هاڻ نہ هاريو ساٿيو، چڙهبا چاڙهاڪا!

بحر اندر تا باهہ ٺمايو،
بوڙيا ٽو باڪا،
هاڻ نہ هاريو ساٿيو!

بازارن ۾ آزارن جا،
ونڊيو تا واڪا،
هاڻ نہ هاريو ساٿيو!

ٽڪريون تي ويا ٽر جا ياٿا،
ٿاٿا هڻ ٿاڪا،
هاڻ نہ هاريو ساٿيو!

لوڪو، آن جي وات - لغت ۾،
"چو" ناهي چاڪا!
هاڻ نہ هاريو ساٿيو!

www.sindhsalamat.com

’هڻ هڻ‘ هوڪارون،
”پهچو“ پُڪارون، ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي!

ماٺهو، ماٺهوءَ جو رت پيئي،
دوست جيئن دارون، ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي!

باغيچن کي باهه لڳي وئي،
پيلا پاڪارون، ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي!

وحشي جذبو، دهشت، گوليون،
ڏاهپ ۾ ڏارون، ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي!

ڪرفيو، ريهون، پار بڪارا،
اَمڙ اوچنگارون، ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي!

اغوا، ظلم، اڳهاڙي ٻت تي،
بجليءَ جون ڌارون، ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي!

ڪي ـ تو ڪان ڪوهه قاف ٻُجهن پيون،
ڪيهون، ڪوڪارون، ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي!

امن، اتو استاد وڏايون،
يار، ڪريو ڪارُون! ماٺ اچي ڪيئن منهنجي من کي.

✦

www.sindhsalamat.com

باغيچن بَرَ ذي مکي، هتراڏو هبڪار،
مونکي سار صبح جي.

غفلت ورتي گاج کي، هونگاريو هالار،
مونکي سار صبح جي.

اونداهيءَ ڪيڏا ڪيا، استاد آهن آر،
مونکي سار صبح جي.

✦

www.sindhsalamat.com

رات سوين سينگارَ،
مونکي سارَ صبح جي،

چنڊ مڪائين چوڏهين، چوڏاري چمڪار،
مونکي سار صبح جي.

جوڙي بينو جوت جا، انبرُ هارَ هزار،
مونکي سار صبح جي.
چولين چيڙيون چيڙيون، ڪنڌي تند تنوار،
مونکي سار صبح جي.

ڀڪيون راتيون رات جون، ٺهڪن ٽانگر ٽار،
مونکي سار صبح جي.

ميخانن تي مَڌ جا، برسيا ڪيپ خمار،
مونکي سار صبح جي.

ساگر، تر ڏي موڪلي، هِير تڏي هانئار،
مونکي سار صبح جي.

www.sindhsalamat.com

مارُو مارينديں؟ ماري، هٽنديں هتڙا.

ڏاڏا انڌي ڏاڏ سان،
ڏاها ڏارينديں؟ ڏاري، هٽنديں هتڙا.

سو تون پيڙا ڪُوڙ جا،
ڪيتر تارينديں تاري، هٽنديں هتڙا.

ڏرتي ويڙهي ڏنڌ ۾،
ڏيٺيون ڏارينديں، ڏاري، هٽنديں هتڙا.

گهوڙا گهوڙا گهير تي،
تون گهر گهارينديں، گهاري، هٽنديں هتڙا.

آوڳڻ آٽي آڳ تي،
ڀهڳڻ ٻارينديں؟ ٻاري، هٽنديں هتڙا.

چا تون جهد جتن چڏي،
ڏارا ڏارينديں؟ ڏاري، هٽنديں هتڙا.

استاد آب حيات لئه،
هي ڏُک هارينديں؟ هاري، هٽنديں هتڙا.

✦

www.sindhsalamat.com

جي ڪنهن ٻُنڌَ جيان،
بيٺو ڏاڍ ڏسان، هِن ڪان مان نہ هجان!

ڦٽڪا ڪنول ڦول ڪي، ڪينجهر سٺر ڪيانْ!
هِن ڪان مان نہ هجان!

طعنا تِير وسن پيا، ڇهڪيو گيت چوان،
هِن ڪان مان نہ هجان!

www.sindhsalamat.com

مرڪي مرڪي لڪ ڪيڪارن،
چُمن پير پهڻ، تون به اڱڻ اچ تن جي!

بيشڪ بي انداز بخاري،
محبت وَندڙن مَڻ، تون به اڱڻ اچ تن جي!

✦

www.sindhsalamat.com

جن جا نيڻ سڄڻ،
*جن جا چاھ چنڻ، تون ٻہ اگھڻ اچ تن جي!

ڳالھائين ورھائن ماکي،
مُرڪن کِير، مکڻ، تون ٻہ اگھڻ اچ تن جي!

يارن ساڻ صلاحون دل جون،
مارَن کاڻ مَمڻ، تون ٻہ اگھڻ اچ تن جي!

ٻگھڙ ٽُڪرا، چيتا ڳترا،
ڏٽڪا جن وٽ ڏڻ، تون ٻہ اگھڻ اچ تن جي!

شھر سجاڻن، ڏھر سجاڻن،
واقف، واتون وڻ، تون ٻہ اگھڻ اچ تن جي!

---

* چنڻ= چندن: خوشبودار، سرھا.

www.sindhsalamat.com

اهڙو ڏَوُر به اسـتـاد ايندو،
انڌ تہ ڇا ارمان نہ رهـنـدو.
جيڪو وهـنـدو –
سـوئـي لـهـنـدو،

✦

www.sindhsalamat.com

نِپل ڪوبہ نشان نہ رهندو،
جيڪو وهندو –
سوئي لهندو،
زنده رهندو!

ڪيڏو تيز، تِکو تنهن هوندي،
ساندهہ ڪو طوفان نہ رهندو.
جيڪو وهندو...

چا تو چئين بي انت زمانا،
ليڻ ۾ جبران نہ رهندو!
جيڪو وهندو...

مرض وتو مضمون تہ چا پر،
عرض ڪيم عنوان نہ رهندو،
جيڪو وهندو...

يا مان دائم قائم رهندس،
يا تہ وري يزدان نہ رهندو،
جيڪو وهندو...

www.sindhsalamat.com

ننڊ، نشا نروار، جيڏان ڪيڏان جُوءِ ۾.

جُھوتن پيا تا جهنگ، جهر،
پنکين جا پرڪار،
جيڏان ڪيڏان جُوءِ ۾.

آفيم ۽ هيروئن جا،
واٽن تي واپار،
جيڏان ڪيڏان جُوءِ ۾.

حقو، پان هَکيو تڪيو،
نسري پٺي نسوار،
جيڏان ڪيڏان جُوءِ ۾.

ڏيتي ليتي چوٽ تي،
پيونءِ بٺي بازار،
جيڏان ڪيڏان جُوءِ ۾.

www.sindhsalamat.com

هٿ هٿ ڌرتي سنڌ جي!
پــرمــار ٿــي پــرمــار،
جيڏان ڪيڏان جوءِ ۾.

پنهنجي اعمالن بچيا،
الاڙي آزارَ
جيڏان ڪيڏان جوءِ ۾.

✦

www.sindhsalamat.com

مــارن لــوڪ لــچان،
پنھنجي ھانءَ ھچان، ھٺ ھٺ ھو نہ ڪري سگھيس!
آخر چو نہ ڪري سگھيس؟

مون لئہ ملڪ مسيت ٿيو،
وانــگي بانـگ وڃان.

ڏنگا سي بہ ننگا لڱا،
ڪنھنکي ڪيئن ڪڇان!

وڻ وڻ جند جھنجھوڙيان،
ٻنــجي لُــڪ پيــڇـان.

ڪاٿر تيان يا ڪير تر،
ڪـوڪـو تـي نہ ڪـڇان.

وطن مــان اســتــاد مــان،
رڃيـو ڪيـن رڃــان.
ھٺ ھٺ ھو نہ ڪري سگھيس!
آخر چو نہ ڪري سگھيس؟

✦

www.sindhsalamat.com

جوڳي جوڳ ڪمايا،
توڳي – تاٿ پڃايا.
جيئي جيئي جوڳي!

حُبّ الوطني، تن تي ڪفني،
قومي جوش جڳايا.
جيئي جيئي جوڳي!

”تُڪ تُڪ“ تهنجي جهونا جوڳي،
نيرا . نانگ نچايا.
جيئي جيئي جوڳي!

لات لطيفي، سُر سَرمستي،
ريتا رنگ رچايا،
جيئي جيئي جوڳي!

”جُوءِ جياريو، عام اجاريو“،
وِڪ وِڪ ساز وڄايا.
جيئي جيئي جوڳي!

www.sindhsalamat.com

ڪارا ڪاڙها، پيلا پارا،
در در ڳِهندڙ ڳُڙايا.
جيئي جيئي جوڳي!
ڏگِ ڏگِ تنهنجا راڳ بخاري،
ڳاڙهن ڳيرن ڳايا.
جيئي جيئي جوڳي!

www.sindhsalamat.com

ڦوڪي ناد ڦقڙ پيا ڦاٽي، جُوءِ نہ پر جاڳي.
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

موڳاٽا ميخوار اڳيئي، سرسامي ساقي،
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

پوڙها پاڻ اٿڻ کان عاجز، ڳيرو جذباتي،
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

خضر اچڻ سان لوڙهہ ڪسي ويو، سَپُ تيو ساٿي،
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

برندڙ بيلو، بِرلّ تواڻي، دَلدل ۾ ڦاٿي،
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

بيباڪي ڪِلهہ رات ٻَجهي وئي، ڇِچري چالاڪي،
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

پِنبِ ڪي ڏرتي ياڪر پاتو، پيندب نہ تيا باغي؟
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

ڏوري ڏوري ننهن اجوڪي، رات ڪُڏي تاتي،
ڏاڍي ڳالهہ ڏکي ٿي!

www.sindhsalamat.com

اڻ ڪونيا آزار اسان وٽ، اجڪلهه اوطاقي،
ڏاڍي ڳالهه ڏکي تي!

ڳالهه ڇڙي استاد صدين جي، ايندڙ پڻ آتي،
ڏاڍي ڳالهه ڏکي تي!

✦

www.sindhsalamat.com

ڪنهن سان سليان سوُرَ، وو، ڪنهن سان سَليان سوُرَ!

منجھر چَر ۾ چوليون، پيلي ۾ جيئن پور، وو،
ڪنهن سان سليان سورَ!

شيشي جهڙي شاعري، پاھڻ جهڙا پورَ، وو،
ڪنهن سان سليان سورَ!

نظرن ۾ سپنا نوان، اکين ۾ انبور، وو،
ڪنهن سان سليان سورَ!

ھهڙي دلبر ديس تي، هيڏا ڪِيس ڪلور، وو،
ڪنهن سان سليان سورَ!

ڏيري ڏيري تي ويا، نِنّاوان ناسور، وو،
ڪنهن سان سليان سورَ!

اڄّ اتا استاد تي، اوسيئڙا آھُور، وو،
ڪنهن سان سليان سورَ!

✦

www.sindhsalamat.com

ڪاتـي ڳاروڙي؟
سورهيه ساٿوڙي؟
جلي منهنجي جنڊڙي،
سَڙي منهنجي سنڌڙي،
اديون ڙي اڪيلڙي!

ڳامونءَ چوٽا ڳِهليو، چو ٽو-
پِنجي پاپوڙي!
جلي منهنجي جنڊڙي،

ڳيسر جي آ سِنڌ، الاڙي،
لوڙَ ڳهٽي لوڙِي،
جلي منهنجي جنڊڙي،

سُهٽي سمجهه، گهڙي ٿي ٻوڙي،
ٻيڙي ڪنهن ٻوڙي؟
جلي منهنجي جنڊڙي،

شِڪرو، ڪانئر ڪانگ ڪئين ٿيو،
نانگ، ٻٽي نوڙي،
جلي منهنجي جنڊڙي،

www.sindhsalamat.com

منزل اڳ ۾ اُنَ آ ماٺي،
جو بہ پڳو ڊوڙي،
جلي منهنجي جندڙي،

جيئڻ کان جهيڳڙندي آئي،
تلتي کان توڙي،
جلي منهنجي جندڙي،

گيتن سان استاد ڳِجي تو،
ڄِيت نئين جوڙي،
جلي منهنجي جندڙي؛
سَڙِي منهنجي سنڌڙي،
اديون ڙي اڪيلڙا!

✦

www.sindhsalamat.com

دوست تين ديوار، وو، يار،
قوم ڪري ڪنِ - تار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو ھي دانھون؟
ڪير آگھائيندو ھي آھُون؟

سنڌ تہ چا سنسار اتاريان،
ڪلڪ ڪري ڪوڪار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو ھي دانھون؟

ڀُون ۽ وارن ڪي ڀان ۽ پيا چو،
آمِر جا اطوار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو ھي دانھون؟

دھشت گردي، داد وني وئي،
ارڏا تيا آزار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو ھي دانھون؟

ھيڏان ھوڏان سونھن، سڪ جا،
سڄن پيا سھڪار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو ھي دانھون؟

www.sindhsalamat.com

محبت، محنت، عزّت تائين،
ڪوبہ نہ منجهہ قرار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو هي دانهون؟

ڏاهن پيا سنسار، سمو ٻئي،
ديوارون پرمار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو هي دانهون؟

ايڪيهون سَن امن جو آهي،
پوڪاريو پولار اويار،
ڪير ڪنائيندو هي دانهون؟

پونءِ سڃي ڪي آهہ بخاري،
انساني آذار، وو، يار،
ڪير ڪنائيندو هي دانهون؟
ڪير اگهائيندو هي آهون؟

✦

www.sindhsalamat.com

باک ڦُٽيءَ جي بانسري، ھيءَ جا منھنجي شاعري.

برسي مند ملھار پئي، مھڪي ساري ماتري،
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

ڪاچي، ڪينجھر واءَ تي، جھومي جوئر، باجھري،
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

ھرٽي، شينھڻ عشق ۾، سورھيہ، سسئي آبري،
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

ماضي سونپي حال کي، آئيندي جي آنھري،
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

ليکا ڪھڙا لوءِ سان، ڪاڪا ناھيان ڪاڳري،
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

ھلندو رھندو سلسلو، آءٌ چو سوچيان آخري،
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

در در سنڌو ديس جي، ڏيندي رھندي حاضري،
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

استاد آئيندي اچا، اُجري ٿيندي آڪِري.
ھيءَ جا منھنجي شاعري.

✦

www.sindhsalamat.com

ڪاڙهي پڙڪايون،
واڇُنِ پهچايون،
باغي راڳيءَ جون، واڻن تي وايون.

شرنايون سورج شعاع،
ڪِرڻا ڪرنايون، واڻن تي وايون.

قلزم، ڪڪرن کي چيو،
پائر پرچايون، واڻن تي وايون.

ڪينجهر، منڇر سوچيو:
سنڌو سرچايون، واڻن تي وايون.

ڇو هي پمپي پونءَ جي،
ڇتڙن ۾ ڇايون؟ واڻن تي وايون.

(1) ڇو هي ٻنگيون ٻان ۾،
جانيون ۽ جايون؟ واڻن تي وايون.

ڪاڏي ويون اقوام جون،
ڳالهيون جي ڳايون، واڻن تي وايون.

ڳڱيون روڳي موسمون،
آڳون جا ڳايون، واڻن تي وايون.

---

(1) ٻنگيون: ونگيون، سوگهيون ٿيون، ڪڙجي ويو.
ٻان: يرغمالي ڪرڻ، ٻنگ لاءِ قيد ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

تاريخون تازيون ڪٽي،
تحــريڪــون آيــون، واٽن تي وايون.

جوٽيا نجيون جهد ۾،
مــڙســالا، مــايــون، واٽن تي وايون.

آيون ٺٺي استاد هو،
آڏو آجـــايـــون،
باغي راڳيءَ جون، واٽن تي وايون.

✦

www.sindhsalamat.com

ڳاءِ تہ ڳايون!
پر جي ڳائي ڪين سگھون ٿا-
ويھہ تہ ڳالھايون!

هوجي ڇڄ ڦرائي بينا مڙسالا، مايون.
وڄ ڪيرائي جي نہ سگھون ٿا-
گوڙ تہ گجرايون!

(1) وک وک تي بدبوءِ وڌي وئي، اوٽر اُٿرايون؛
اوٽر آٿي جي نہ سگھون ٿا-
جھٽونڪا ميڙايون!

ڇَپّي ڇپّي اوچي سج جو سورج چمڪايون،
سورج چمڪي جي نہ سگھي ٿو-
ڏيئا ٽمڪايون!

پورب، پڇّم هاڻ تہ پرچو، سڀ کي سمجھايون،
دنيا پرچي جي نہ سگھي ٿي-
سنڌ تہ سرچايون!

www.sindhsalamat.com

پَهرو ڏيٺو آهي ٻنين تي سُوَرَ وڃن تا کايون،
ٻيلا جاڳي پوندا پاڻهي–
ٻُوڙا جا ڳايون!

آمر کي استاد اندر جو، زهر تہ چکرايون،
پاپي ڏسندي ٻيو نہ تہ پَٽ تي–
ٽُڪَّ تہ اچلايون.

✦

www.sindhsalamat.com

در در گِهند گُڙايان،
ڪلف، ڪڙا ڪڙڪايان،
جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!

اونده انڌوڪار ۾،
پڙڪيو پيتو ڳايان. جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!

ڪيڏا سچ ڳڳاتيا،
مان تو مچ مچايان! جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!

هيءَ جا دهشت ديس تي،
پيڙا ٿيو تہ پچايان! جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!

www.sindhsalamat.com

کيهون، رِيهون، ڪوڪرون،
کهڙي ڪُند ڪنايان، جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!
سُهٽيون، نُوريون، مارويون،
ڪنهنجو سات سهايان، جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!

ڪلهي لاٿم ڪالهه کي،
اُٿيو اڄ وڃايان، جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!

ڌرتيءَ سان استاد تو،
پنهنجو نينهن نيايان، جاڳو،
لوڪو،
زلزلو!!

✦

www.sindhsalamat.com

زَنگَ مرن زهريلا،
رُڪجن رَت جا ريلا،

مياٽي مياٽي مَرڪي!
مِٺي، پاٽِي جَرڪي!

سِينن ۾ ماتام مچي چو،
وائُن ۾ واويلا، مياٽي مياٽي مَرڪي!

ڏاڍ وڏايون آجو جَر ٺئي،
پور ڪرايون پيلا، مياٽي مياٽي مَرڪي!

ڏهر ڏهر ۾ شهر شهر ۾،
شاھ، سچل جا ميلا، مياٽي مياٽي مَرڪي!

چمڪن چيرون پيڪن پيرون،
الغوزا اربيلا، مياٽي مياٽي مَرڪي!

عيدون ڪن استاد بخاری .
تاريلا، ڪاچيلا، مياٽی مد ني مَرڪي!

✦

www.sindhsalamat.com

توتي ڪيون ڪِيهان؟
جي هان – جي هان!

آهين ڪو اُستاد ڪرين پيو،
راڳ اندر ريهان–
جي هان – جي هان!
عشق ڏنو آواز پنهنجي تي،
ڪنڌ ڪپي، ٻيهان!
جي هان – جي هان!

ناتو توڙيان، اڻ تيڻي آ،
پاهڻ ڏي پِيِنهان–
جي هان – جي هان!

وِهه نه ڏنو تـئي، ويڻ ڏنو تـئي،
ڳالهَئُه ڪيئن ڳِيهان؟
جي هان – جي هان!

www.sindhsalamat.com

شوق برابر شينهن بخاري،
(1) شهر بڇيا شِينهان-
جي هان - جي هان!

✦

(1) شينهان ڪتا.

www.sindhsalamat.com

مهلون قوم ملهايون،
ڪنڊون، ڪِير ونڊايون،
ڳڌجو، جيڏيون ڳايون، سويون سوڏن جون.

مانگر مَڇ مُڇي هو آيا، گھنگھر آيا گھايون،
ڳڌجو، جيڏيون ڳايون.

ايندا ڳاڙها گھوٽ اُٺوڙي، ميندي، مشڪ ملايون،
ڳڌجو، جيڏيون ڳايون.

اکين پيير رکن دل خوش ٿئي، وک وک وار وڇايون،
ڳڌجو، جيڏيون ڳايون.

پنهنجن جهونجهارن جون پنهنجي، جيءَ ۾ جوڙيون جايون.
ڳڌجو، جيڏيون ڳايون.

سعيا تن جا تاب بخاري، جن جا چايا، چايون،
ڳڌجو، جيڏيون ڳايون،
سويون سوڏن جون.

✦

www.sindhsalamat.com

گِزري کان خضدار،
وارو، وارو ڙي!
مانگر مچ تي مار،
وارو، وارو ڙي!-

قاسم بَندر، سون مياڻي، گوادر ڏي،
پاڻيءَ تي پرمار،
وارو، وارو ڙي!

ڪُنبن مان، ڪوراڙ بلائون ڪيڙايون،
گهنگهر ڪريون غار،
وارو، وارو ڙي!

دهشت گردي گند ڪيو آ، دفنايون،
پهچو آر ۽ پار،
وارو، وارو ڙي!

ايٽم بم ابليس اولاريو بينو آ،
سهڪي پيو سنسار،
وارو، وارو ڙي!

www.sindhsalamat.com

ڏيان اتم آڪاس، اتان دل – ڌرتيءَ ڏي،
گيت مُڪم اوتار،
وارو، وارو ڙي!

ايڪيهون سَن آمن پڪاري تو استاد،
پاتاران پولار،
وارو، وارو ڙي!

✦

www.sindhsalamat.com

مَھڪن ڳوٺ مياٺيون،
مَرڪن ديس ڏياٺيون،
مـانـگر مـاري آيـا،
ڳائِن نينگر نياٺيـون.

ميندي لاتي مند گلابي، لال ليون ۽ لاٽيون،
مانگر ماري آيا.

ڪارو سارو ماڻڪ، موتي، ڪاري آندر ڪاٺيون،
مانگر ماري آيا.

جيتر جر ۾ اوتون، جوتون، تيتر اڳتي تاٺيون،
مانگر ماري آيا.

ڪي. ٽو ڪان ڪياماڙي تائين، گھر گھر جون گڏجاٺيون،
مانگر: ماري آيا.

امن سپئي انسان بخاري، آئيون موجون ماٺيون،
مـانـگر مـاري آيـا،
ڳائِن نينگر نياٺيون.

www.sindhsalamat.com

ڪُنبُ ننڍو آ،
مڇ ننڍو آ،

گهاٽوُ جيڏو ربّ وڏو آ،
ايڏوّ پنهنجو عزم وڏو آ.

مانگر جر ۾ ڦهر ڪري ٿو، ٻَهر جڏو آ،
ڪُنبُ ننڍو آ...

ساگر جو بي انت لڳي ٿو، پاڻ ۽ پَڌو آ.
ڪُنبُ ننڍو آ...

هي جو هيڏو گهاٽو ٻيلو، گاهہ - گڏو آ.
ڪُنبُ ننڍو آ...

تاتي ڳوٺ حيات اڏيو جِت، موت - اڏو آ.
ڪُنبُ ننڍو آ...

ڪاهڪشان، تنبو ۾ ٻتيون، پوڻ ۽ تڏو آ.
ڪُنبُ ننڍو آ...

www.sindhsalamat.com

چاتہ وڏو پرمار پڏيو تي، هاڻ هڏو آ.
ڪُنبُ ننڍو آ...

حق، ناحق جي جنگ بخاري، وڏو قڏو آ،
ڪُنبُ ننڍو آ...

✦

www.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com

# پڙھندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙهو، پاڇوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هڪ ٻئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلههَ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)